روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 28 فيبروري 2023ع بمطابق 07 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 276

ملڪ کي آئين ڏيندڙ جو ڪيس ٻڌڻ لاءِ عدالتن وٽ وقت نہ آهي: شرجيل ميمڻ

قانون کان مٿانهون ڪير بہ نہ آهي، سڀ برابر آهن، عمران خان مايوسي جو شڪار ٿي ويو آهي

عمران خان کي صلاح آهي تہ برطانيا ۾ بہ جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري، جيل ڀريو تحريڪ وارا نالا لڪرائن، ڪين پڪ اينڊ ڊراپ جي سهولت ڏني ويندي

هٿيارن جي نمائش ۽ اڻ رجسٽرڊ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، ايس او پيز جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

جعلي نمبر پليٽس ۽ غير رجسٽرڊ گاڏين خلاف اڄ کان پوري صوبي ۾ سخت ڪريڪ ڊائون جي شروعات ڪئي پئي وڃي، ڪوبہ اثر رسوخ ۽ سفارش ڪم نہ ايندي

بهتر آهي شهري ايس او پيز تي عمل ڪن ۽ پاڻ ٿي شين کي ٺيڪ ڪري وٺن عمران خان جي ٽائيگرن کي سٺي پيشڪش ڪئي آهي، هو پنهنجي جيل ڀريو تحريڪ تهوار کي سنڌ ۾ بہ خوب طريقي سان ملهائين

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ جي هڪ شروعات برطانيا مان بہ ڪري ۽ پنهنجي ٽنهي ٻارن کي جيل ڀريو تحريڪ لاءِ اڳتي آڻي: سنڌ سرڪار واري صوبائي وزير جي ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ جعلي نمبر پليٽس ۽ غير رجسٽرڊ گاڏين جي اڄ کان پوري صوبي ۾ سخت ڪريڪ ڊائون جي شروعات ڪئي پئي وڃي، ڪوبہ اثر رسوخ ۽ سفارش ڪم نہ ايندي، حڪومت عوام کي پريشان ڪرڻ نٿي چاهي، بهتر آهي تہ شهري ايس او پيز تي عمل ڪن ۽ پاڻ ٿي شين کي ٺيڪ ڪري وٺن، اهڙن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سنڌ سرڪار واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد جي عدالت ۾ ڪيس جي ٻڌڻي منتقل ڪرڻ واري عمران خان جي درخواست رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي عدالت توشہ خانہ سميت ٻن ڪيسز جي ٻڌڻي جوڊيشل ڪامپليڪس منتقل ڪرڻ واري عمران خان جي درخواست رد ڪري ڇڏي، عمران خان سيڪيورٽي خدشن سبب توشہ خانہ ۽ قتل جي ارادي وارن ڪيسز جي ٻڌڻي جوڊيشل ڪامپليڪس منتقل ڪرڻ جي استدعا ڪئي،عمران خان جي وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

چونڊن بابت پاڻمرادي نوٽيس جي ٻڌڻي، 4 ججز ٻڌڻيءَ کان معذرت ڪري ڇڏي

جسٽس اعجاز الاحسن، جسٽس مظاهر نقوي، جسٽس اطهر من الله ۽ جسٽس يحيٰ آفريدي بينچ کان ڌار ٿي ويا، 9 رڪني بينچ ٽٽڻ بعد باقي 5 رڪني بينچ ٻڌڻي جاري رکي

ٻڌڻي هلائيندڙ 5 رڪني بينچ ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال، جسٽس منصور علي شاهہ، جسٽس منيب اختر، جسٽس جمال خان مندوخيل ۽ جسٽس محمد علي مظهر شامل

4 ججز بينچ کان ڌار ٿي چڪا آهن، آئين جي تشريح لاءِ باقي بينچ ٻڌڻي جاري رکندي، اسان کي سڀاڻي هر صورت ۾ ڪيس کي مڪمل ڪرڻو آهي: چيف جسٽس

جسٽس جمال مندوخيل جو نوٽ حڪمنامي کان اڳ سوشل ميڊيا تي اچي ويو هو، احتياط ڪنداسين تہ آئنده اهڙو واقعو نہ ٿئي

سينيئر ججز کي بينچ ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي، عدليہ تي عوام جي اعتماد لاءِ ضروري آهي تہ ان جي شفافيت برقرار رهي : جسٽس منصور علي شاهہ

چيف جسٽس جو اوپن ڪورٽ ۾ ڏنل آرڊر تحريري آرڊر سان مطابقت نہ ٿو رکي، صوبائي اسيمبلين ٽوڙڻ جي آئيني ۽ قانوني حيثيت کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي : جسٽس اطهر من الله

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب ۽ کي پي ۾ چونڊن بابت پاڻمرادي نوٽيس جي ٻڌڻي هلائيندڙ سپريم ڪورٽ جي 9 رڪني لارجر بينچ ٽٽي پئي، 4 ججز ٻڌڻيءَ جو حصو بڻجڻ کان معذرت ڪري ڇڏي جسٽس اعجاز الاحسن، جسٽس مظاهر نقوي، جسٽس اطهر من الله ۽ جسٽس يحيٰ آفريدي بينچ کان ڌار ٿي ويا، 9 رڪني بينچ ٽٽڻ بعد باقي 5 رڪني بينچ ٻڌڻي جاري رکيبڌڻي هلائيندڙ 5 رڪني بينچ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: سنڌ حڪومت جي ترجمان مرتضيٰ وهاب سان ميرپورخاص ڊويزن بار سيد مرتضيٰ شاهہ ملاقات ڪندي

مرتضيٰ وهاب سان ميرپورخاص ڊويزن بار جي وڪيلن جي ملاقات

سيد ذوالفقار شاهہ هاءِ ڪورٽ بينچ جو افتتاح ڪرڻ تي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جا ٿورا مڃيا

بينچ جي قيام جو پراڻو مطالبو پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت پورو ڪيو آهي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار مرتضيٰ وهاب سان ميرپورخاص ڊويزن بار جي وڪيلن سنڌس آفيس ۾ ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ٽي آءِ اڳواڻن کي 30 ڏينهن لاءِ ايم پي او تحت نظربند ڪيو ويو آهي: پنجاب حڪومت

پنجاب حڪومت گرفتاريون ڏيندڙن پي ٽي آءِ اڳواڻن بابت رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي

شاهہ محمود قريشي، اسد عمر ۽ اعظم سواتي سميت 9 اڳواڻن کي 30 ڏينهن جي لاءِ مينٽيننس آف پبلڪ آرڊر (ايم پي او) جي تحت نظربند ڪيو ويو

وڪيل لاهور هاءِ ڪورٽ کي ٻڌايو آهي تہ پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ 77 ماڻهن کي نظربند ڪيو ويو آهي

لاهور (م ڊ) جيل ڀريو تحريڪ دوران گرفتار اڳواڻن جي بازيابي لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرڻ تي پنجاب حڪومت گرفتاريون ڏيندڙن پي ٽي آءِ اڳواڻن بابت رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. پنجاب حڪومت جي رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

چوري ۽ ڌاڙيل سپريم ڪورٽ کي اکين پيا ڏيکارين: شيخ رشيد

عدالتن جون بينچون ٺاهڻ جون ڳالهيون پيا ڪن. بينچ ٺاهڻ چيف جسٽس جو اختيار آهي

آءِ ايم ايف جي جيل ۾ پاڪستان کي ديٽ زون بڻايو ويو آهي، پاڪستان کي هٿ وٺي نقصان پهچايو پيو وڃي

راجنپور ۾ ننڍي چونڊ جي نتيجن مان خبر پئجي وئي تہ حڪمرانن جا سياسي تابوت نڪرڻ وارا آهن

عوامي مسلم ليگ جو سربراهہ شيخ رشيد

اسلام آباد (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي تہ چوري ۽ ڌاڙيل سپريم ڪورٽ کي اکين پيا ڏيکارين، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

قومي اسيمبلي اسپيڪر جو پي ٽي آءِ اڳواڻن کي استعيفائن جي منظوري واپس وٺڻ کان جواب

پي ٽي آءِ اڳواڻن قومي اسيمبلي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان ملاقات ڪئي

پي ٽي آءِ وفد ۾ عامر ڊوگر، ڪنول شوزب، ساجدا بيگم، عامر ڪياني ۽ ٻيا شامل هئا

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي اسپيڪر راجا پرويز اشرف تحريڪ انصاف اڳواڻن جي اسيمبلي ۾ واپسي جي اپيل تي ٺپ جواب ڏئي ڇڏيو پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ليفٽيننٽ جنرل (ر) امجد شعيب اسلام آباد مان گرفتار

امجد شعيب کي جوڊيشل مئجسٽريٽ عباس شاهہ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

رمنا ٿاڻي جي جاچ آفيسر پراسيڪيوٽر ۽ امجد شعيب جي ليگل ٽيم بہ عدالت ۾ پيش ٿي

اسلام آباد (م ڊ) ليفٽيننٽ جنرل (ر) امجد شعيب کي اسلام آباد مان گرفتار ڪيو ويو آهي. جنهن کان پوءِ کيس اسلام آباد جي سيشن عدالت ۾ پيش ڪيو ويو امجد شعيب کي جوڊيشل مئجسٽريٽ عباس شاهہ جي عدالت ۾ پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: ليفٽيننٽ جنرل (ر) امجد شعيب کي پوليس گرفتار ڪري وٺي وڃي رهي آهي

ڪنڌڪوٽ ويجهو ڌاڙيلن سان مقابلي دوران پوليس اهلڪار شهيد، مغوي ڊرائيور بازياب

بخشاپور ٿاڻي جي حد آڏو واهہ وٽ ڌاڙيلن ٽرڪين تي فائرنگ ڪري ڊرائيور رب نواز چنا کي اغوا ڪيو

واقعي واري هنڌ پهتل پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پوليس اهلڪار روشن الدين جکراڻي شهيد ٿي ويو

ڌاڙيلن ۽ ڏوهارين کي بخش نہ ڪيو ويندو، شهيد روشن الدين جکراڻي جي شهادت جو پلاند وٺنداسين : پوليس

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ) ڪنڌڪوٽ ويجهو ڌاڙيلن سان مقابلي دوران پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو، پوليس ٻارن اغوا ڪيل ڊرائيور بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي بخشاپور ٿاڻي جي حد آڏو واهہ وٽ ڌاڙيلن ٽرڪين تي فائرنگ ڪري ڊرائيور رب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، 2 دهشتگرد مارجي ويا، 2 جوان شهيد

سيڪيورٽي فورسز جي دهشتگردن خلاف ڪارروائي ۾ سپاهي عمران الله ۽ سپاهي افضل خان شهيد ٿي ويا

ڪارروائي دوران 2 دهشتگرد پڻ مارجي ويا جڏهن تہ 2 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز جي خلاف ڪارروائين ۽ معصوم شهرين کي قتل ڪرڻ ۾ ملوث هئا : آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م ڊ) اتر وزيرستان جي علائقي اسپن وام ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ چڪرين دوران 2 سپاهي شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب اتر وزيرستان جي علائقي اسپن وام ۾ سيڪيورٽي فورسز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

زين شاهہ قلندر جي مزار تي پهتو، سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعائون

سيد زين شاهہ ۽ ٻين اڳواڻن قلندر جي درگاهہ تي حاضري ڀري سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعائون گهريون

حڪمرانن سنڌ جي وڏي ڦرلٽ ڪئي، ٻوڏ متاثرن لاءِ آيل پرڏيهي فنڊ بہ هڙپ ڪيا ويا آهن : زين شاهہ

سيوهڻ (رپورٽ) ايس يو پي صدر سيد زين شاهہ ۽ ٻين اڳواڻن قلندر جي درگاهہ تي حاضري ڀري سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعائون گهريون آهن، ايس يو پي جو سنڌ پيادل مارچ سيد زين شاهہ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سيوهڻ کان لکي شاهہ صدر ڏانهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

بغاوت جي الزام ۾ گرفتار رٽائرڊ جنرل امجد شعيب جو ريمانڊ منظور

امجد شعيب رڳو مثبت تنقيد ڪئي آهي : وڪيل

امجد شعيب خلاف سياسي بنيادن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي عدالت ادارن کي بغاوت لاءِ ڀڙڪائڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيل رٽائرڊ جنرل امجد شعيب کي 3 ڏينهن جي جسماني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويل سپاهي عمران الله ۽ سپاهي افضل خان (فائيل فوٽو)

سنڌ پنجاب بارڊر وٽ ڌاڙيلن 9 ڍهلارين ۽ فنڪارن کي اغوا ڪري ورتو

چنيوٽ سان تعلق رکندڙ 9 ئي فنڪار گڏيل ٻن ڏينهن کان پراسرار طور گم هئا

فنڪارن کي هڪ شادي تقريب ۾ شرڪت لاءِ صادق آباد ويجهو گهرايو ويو هو : وارث

گهوٽڪي ۽ ڪشمور ضلعن ۾ ڌاڙيل مختلف ڏنا ڏئي ماڻهن کي گهرائڻ بعد اغوا ڪن ٿا: پنجاب پوليس

ڏهرڪي (رپورٽ) سنڌ پنجاب بارڊر وٽ ڌاڙيلن 9 ڍهلارين ۽ فنڪارن کي اغوا ڪري ورتو آهي. اغوا ڪيلن ۾ ڊانسر ڇوڪرا بہ شامل آهن چنيوٽ سان تعلق رکندڙ 9 ئي فنڪار گڏيل ٻن ڏينهن کان پراسرار طور گم هئا وارثن جو چوڻ آهي تہ فنڪارن کي هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڏهرڪي: ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿي ويل نوجوانن جا فائيل فوٽو

حبيب جالب ميلو ڪراچي پريس ڪلب ۽ احباب جالب پاران ملهايو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ترقي پسند دانشور، انقلابي شاعر حبيب جالب جي علمي، ادبي، سماسي سماجي خدمتن جي مڃتا ۾ حبيب جالب ميلو ڪراچي پريس ڪلب ۽ احباب جالب پاران ملهايو ويو، ميلي کي خطاب ڪندي نامياري اداڪار مصطفيٰ قريشي چيو تہ جالب تمام وڏي شخصيت جو مالڪ آهي. جڏهن مان آيس پئي تہ گهر ۾ بجلي نہ هئي ۽ مونکي جالب ڏاڍو ياد آيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

مذهبي تنظيم جي سڏ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ شٽربند هڙتال

ملڪ ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف مذهبي تنظيم جي سڏ تي سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ شٽربند هڙتال ڪري ريليون ڪڍيون ويون

مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي ڪراچي جي رستن تي ٽريفڪ معمول کان گهٽ، بازارون بند رهيون

لاڙڪاڻو، ڏهرڪي، ڪڙيو گهنور، ڪشمور، نارو شاهہ، شادي لارج، ميرو خان ۾ شٽربند هڙتال ڪئي وئي

ڳوٺ ڳوڄڙي، قاضي احمد، ڪنري، سجاول، قمبر، ڄمبڙ، دڙو، پنگريو، وارهہ، سٺ ميل، نئون ديرو ۾ بہ شٽربند هڙتال ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مذهبي تنظيم جي سڏ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ شٽربند هڙتال ڪئي وئي آهي، ملڪ ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف مذهبي تنظيم جي سڏ تي سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ شٽربند هڙتال ڪري ريليون ڪڍيون ويون جنهن مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي ڪراچي جي رستن تي ٽريفڪ معمول کان گهٽ، بازارون بند رهيون نصرت لائيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

قاضي احمد: مذهبي تنظيم جي سڏ تي مهانگائي خلاف ڪيل هڙتال سبب شهر ويران پيل آهي

رائو انوار جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي درخواست تي گهرو وزارت کي نوٽيس جاري

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ نقيب الله ڪيس ۾ بري ٿيندڙ اڳوڻي ايس ايس پي رائو انوار جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي درخواست تي گهرو وزارت کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ ۾ جسٽس اعجاز الاحسن جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ اڳوڻي ايس ايس پي رائو انوار جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عدليا ۽ ٻئنچ اندر ورهاست انصاف جي نظام تي سوال اٿاري ڇڏيا آهن: شيري رحمان

اعليٰ عدالت فل ڪورٽ ٺهنچ جوڙي عدليا ۾ ورهاست ۽ 'هم خيال ٻئنچ' جو تاثر ختم ڪري

آرٽيڪل 63 جي تشريح تي بہ فل ڪورٽ ٻئنچ جو جائز مطالبو رد ڪيو ويو هو

اسلام آباد (م ڊ) ماحوليات بابت وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي تہ عدليا ۽ ٻئنچ اندر ورهاست انصاف جي نظام تي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن ۽ هدايتن مطابق عوام کي رليف جي فراهمي اولين ترجيحات ۾ آهن: سيد ناصر شاهہ

سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ علي هائوس ۾ اچڻ وارن درخواست گذارن جا مسئلا ترجيحي بنياد تي حل ڪيا ويندا آهن

مڪاني کاتي جي اعليٰ آفيسرن کي هدايتون ڏنيون آهن تہ ڪم ۾ سست رويي کي برداشت نہ ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مڪاني واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ چيو آهي تہ سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ علي هائوس جا دروازا عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ هميشہ جي طرح کليل آهن هن چيو تہ سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ علي هائوس ۾ اچڻ وارن درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 193 راجنپور تي ننڍي چونڊ ۾ پي ٽي آءِ ميدان ماري ورتو

تحريڪ انصاف جو اميدوار محمد محسن لغاري 90 هزار 392 ووٽ کٽي ڪامياب ٿي ويو

ن ليگ اميدوار عمار لغاري 55 هزار 218 ووٽ کٽي ٻئي ۽ پ پ اميدوار اختر گورچاڻي 20 هزار 74 ووٽ کٽي ٽئين نمبر تي رهيو

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان طرفان محمد محسن لغاري کي ڪاميابي تي واڌايون ڏنيون ويون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 193 راجنپور تي ننڍي چونڊ ۾ پي ٽي آءِ ميدان ماري ورتو. غيرحتمي ۽ غيرسرڪاري نتيجن موجب تحريڪ انصاف جو اميدوار محمد محسن لغاري 90 هزار 392 ووٽ کٽي ڪامياب ٿي ويو ن ليگ اميدوار عمار لغاري 55 هزار 218 ووٽ کٽي ٻئي ۽ پ پ اميدوار اختر گورچاڻي 20 هزار 74 ووٽ کٽي ٽئين نمبر تي رهيو پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان طرفان محمد محسن لغاري کي ڪاميابي تي واڌايون ڏنيون ويون پي ٽي آءِ سربراهہ عمران خان چيو آهي تہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: وزيراعظم اسپيشل اسسٽنٽ عطا تارڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

جميل احمد سومرو کي مبينا ڌمڪيون ڏيڻ تان گسٽا ضلعي صدر جي ايم ابڙو گرفتار، احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري جميل سومرو کي ڌمڪيون ڏيڻ واري معاملي ۾ گسٽا ضلعي اڳواڻ کي گرفتار ڪيو ويو آهيجميل احمد سومرو کي مبينا ڌمڪيون ڏيڻ تان گسٽا ضلعي صدرجي ايم ابڙو کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جي ايم ابڙو جي گرفتاري خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي ٽيپوليس ذريعن موجب جي ايم ابڙو کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ حڪومت صحافين جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪندي: نديم ميمڻ

ڪراچي پريس ڪلب اظهار راءِ جي آزادي جي تحفظ لاءِ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن

صحافتي ۽ انساني حقن جي جدوجهد جي تاريخ ڪراچي پريس ڪلب کي ملڪ ۾ منفرد مقام ڏياريو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب اظهار جي آزادي جي تحفظ لاءِ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ملڪ ۾ قانون ۽ آئين جي بالادستي لاءِ صحافين جون قربانيون تمام گهڻيون آهن. سنڌ حڪومت صحافين جي خدمتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: اطلاعات واري سيڪريٽري نديم ميمڻ جو ڪراچي پريس ڪلب جي ميمبرن سان نڪتل گروپ فوٽو

سنڌ سان پاڻي، وسيلن ۽ آدمشماري جي مسئلن تي زيادتي پئي ٿي: اياز لطيف پليجو

نواز ليگ ۽ وزيراعظم شهباز شريف سنڌ جي اهم مسئلن تي ڌيان ڏين، سنڌ سان پاڻي، وسيلن ۽ آدمشماري جي مسئلن تي زيادتي پئي ٿي

زرداري مافيا ۽ سنڌ حڪومت کي اين شاهہ، وارهہ، بدين، دادو، ميرپورخاص سميت سڄي سنڌ کي هٿ وٺي ٻوڙي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي

نااهل ڪرپٽ وزيرن ۽ وڏيرن پنهنجون ٻنيون بچائڻ لاءِ سرنالن، شاخن ۽ واهن کي ڪٽ هڻي شهرن ۽ ڳوٺن کي ٻوڙي لکين ماڻهن کي دربدر ڪري ڇڏيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) مسلم ليگ (ن) سنڌ جي صدر شاهہ محمد شاهہ، قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو سان سنڌس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پي ايس ايل لاءِ لڳايل سي سي ٽي وي ڪيمراز جون بيٽرين ۽ تارون چوري

لاهور (م ڊ) پاڪستان سپر ليگ لاءِ لڳايل سيڪيورٽي ڪيمراز جو سامان چوري ٿي ويو 19 ۽ 22 فيبروري تي قذافي اسٽيڊيم پرسان انڄاتل جوابدارن 2 مختلف وارداتون ڪيون، چور ميچ جي سيڪيورٽي لاءِ لڳل سي سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اٽلي ويجهو ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب 28 پاڪستانين سميت 59 ڄڻا ٻڏي فوت

ريسڪيو آپريشن دوران 81 ڄڻن کي بچايو ويو

ٻيڙي ۾ پاڪستانين سميت 200 کن ماڻهو سوار هئا : اختياريون

ڪراچي (م ڊ) اٽلي ويجهو ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب 28 پاڪستانين سميت 59 ڄڻا ٻڏي فوت، ٻڏي فوت ٿيلن ۾ 12 معصوم ٻار ڙا بہ شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڊجيٽل آدمشماري سازش، پرڏيهين کي ڳڻڻ سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي ڀڃڪڙي آهي: لاڙڪاڻي ۾ سيمينار

ملڪ جي حڪمرانن سامراجي قوتن کي فائدو پهچائڻ لاءِ سازشي آدمشماري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

وڏ سبب اجا بہ ڪيترن ئي ڳوٺن جا شهرن سان رابطا ٽٽل آهن، انهن برسات ۽ ٻوڏ متاثر ڳوٺن جي ماڻهن جي ڳڻپ ٿي سگهندي؟

وفاقي حڪومت اليڪشن ڪرائڻ جي آئيني ذميواري کان ڀڄي غيرقانوني ڊجيٽل آدمشماري تي عوام جا پئسا ضايع ڪري رهي آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ڊجيٽل آدمشماري ذريعي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ بند ڪريو" جي عنوان سان عوامي تحريڪ طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڊجيٽل آدمشماري ۾ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويندو: نواز زئور

ڪراچي/ميرپوربٺورو (رپورٽرز) جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور چيو آهي تہ ڊجيٽل آدمشماري قبول ناهي سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مختلف حربا هلايا پيا وڃن آخرڪار وقت کان اڳ آدمشماري ڪرائڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ٽيڪس نہ ادا ڪندڙ گاڏين جي مالڪن کان ٽيڪس وصولي جي مهم جاري

مختلف سيبن جي ڪري 2139 گاڏيون قبضي ۾ ڪيون ويون، 2489 جا ڪاغذ ضبط ڪيا ويا

روڊ چيڪنگ مهم جي دوران گڏيل طور تي 3 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ ٽيڪس وصول ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آبڪاري ۽ محصولات، انسداد منشيات کاتن واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي هدايت تي ٽيڪس نہ ادا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

شهرين کي اغوا ڪرڻ جو الزام، سي ٽي ڊي آفيسر گرفتار

ضمانت رد ٿيڻ پوليس شعيب قريشي کي عدالتي ڪمري مان گرفتار ڪري ورتو

شعيب قريشي ضمانت رد ٿيڻ بعد فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي : پوليس

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت شهرين کي اغوا ڪري ڀنگ طلب ڪرڻ واري ڪيس ۾ سي ٽي ڊي آفيسر شعيب قريشي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي ضمانت رد ٿيڻ پوليس شعيب قريشي کي عدالتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاڙڪاڻو: عوامي تحريڪ طرفان پريس ڪلب ۾ ڪرايل سيمينار ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبليز بحال ٿيون تہ وڏا وزير ٻيهر ٽوڙي ڇڏيندا: فواد چوڌري

اسيمبليون بحال ڪرڻ جو مطلب چيف منسٽر جي اختيارن وارو آرٽيڪل ختم ڪرڻ آهي

پاڪستان تحريڪ انصاف جو هڪ ئي مطالبو آهي تہ عام چونڊون ڪرايو

هن حڪومت مان عوام جي جند ڇڏايو، آئين ۽ قانون موجب ئي مطالبو ڪري رهيا آهيون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي تہ پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ جون اسيمبليون بحال ڪيون ويون تہ وڏا وزير انهن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري

عمران خان کي اڄ بہ جنرل رٽائرڊ فيض حميد جي باقيات بچائي رهي آهي: مريم نواز

اڳ ۾ بي ڏوهہ نواز شريف سان ٿيل زيادتين جو ازالو ڪيو وڃي

۽ سسيلين مافيا ۽ گاڊ فادر جا الزام واپس وٺڻا پوندا، پوءِ چونڊون ٿينديون

ساهيوال (م ڊ) ن ليگ جي سينئر نائب صدر مريم نواز هڪ ڀيرو ٻيهر ماضي ۾ ڪيل عدالتي فيصلن کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي تہ چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نوشهرو فيروز لڳ ڳوٺ احسان نانگراج ۽ ڳوٺ سالار ٽگر تي پوليس چڙهائي، احتجاجي مظاهرو

پوليس چوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ ۽ گهرڙي عورتن تي تشدد ڪري گهر جو الهه تلهه ٻهاري وئي آهي

ايس ايڇ او منيم لاڙڪ خلاف ڳوٺ احسان نانگرج ۽ سالار ٽڳر تي چڙهائي خلاف ڳوٺاڻن جو سخت احتجاج

گهر مان پئسا سونا زيور پليٽون واپس ڪرائيون وڃن ٻي صورت ۾ اسان نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسين: مظاهرين

نوشهرو فيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز لڳ ڳوٺ احسان ناگراج ۽ ڳوٺ سالار ٽگر تي پوليس چڙهائي تي پڌعيدن پوليس جي چڙهائي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ ۽ گهرڙي عورتن تي تشدد ڪري گهر جوالـ تلـ ٻهاري وئي ويندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهرو فيروز: ڳوٺاڻا پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي ڪبير ۾ انٽرنيشنل قرات حسن دستار وضيلت جو پروگرام منعقد

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامٽيو) ڪوٽڙي ڪبير ۾ انٽر نيشنل قرات حسن دستار وضيلت جو پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام ۾ ڪوٽڙي ڪبير جي ڇهن ٻچن کي قران شريف ياد ڪرڻ تي دستار ٻڌا ويا مياں عدنان فيض پيرزادو مياں عمران فيض پيرزادو درگاهي خان چنا ياسين چنا بخشيل سهتو مفتي دوست علي سڪندري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين جي ضلع ڪائونسل چيئرمين ۽ مخصوص سيٽن تان هاليپوٽا پائرن ۾ اختلاف

ارباب لطف ۽ مير غلام علي ٽالپور ٺاهه ۾ ناڪامي بعد علي اصغر هاليپوٽو جي حمايت ڪئي

بشير احمد هاليپوٽو جي پڳدار پٽ سان مشورو ڪرڻ بنا چيئرمين ٿيڻ لاءِ پارٽي اندر لابنگ شروع

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين جي ضلع ڪائونسل جي چيئرمين جي سيٽ ۽ مخصوص سيٽن تان بدين ضلع جي سياسي گهراڻي هاليپوٽا برادران ۾ اختلاف چوٽ چڙهي ويا ارباب لطف ۽ مير غلام علي ٽالپور پنهنجي ڌرين ۾ ٺاهه ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ ضلع ڪائونسل بدين جي اڳوڻي چيئرمين علي اصغر هاليپوٽو جي حمايت ڪري ڇڏي تفصيل موجب ضلع ڪائونسل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي ملڪ جيان تعلقي ٽنڊوباگو ۾ احتجاجي مظاهرو

پنگريو، ڏيئي شهر، خليفو قاسم ۾ به شٽر بند هڙتال ڪري ڪاروبار بند ڪيو ويو، ريلي

صدام حسين ڪوسو، علي احمد ڪوسو، گلزار احمد، وزير علي، اشرف جنجوعه ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

ظالم حڪمرانن جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي عوام سجاڳ ٿي لٽيرن جو گهيرو ڪري: مظاهرين

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي سڄي ملڪ جيان تعلقي ٽنڊوباگو جي شهرن پنگريو، ڏيئي شهر، خليفو قاسم ۾ به شٽر بند هڙتال ڪري ڪاروبار بند ڪيو ويو وڌندڙ منهگائي خلاف تحريڪ لبيڪ جي ڪارڪنن محمد حسن جمالي، سائين حافظ، جليل احمد ڪوسو، نوراحمد جمالي، صدام حسين ڪوسو، علي احمد ڪوسو، گلزاراحمد، وزير علي، اشرف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊو باگو: تحريڪ لبيڪ جي سڏ تي ڪيل هڙتال ۾ بازارون بند نظر اچي رهيون آهي

ڪراچي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ پاران شب برات جي حوالي سان گڏجاڻي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد، ميونسپل ڪمشنر فهيم خان پاران شب برات جي حوالي سان مسجدن، امام بارگاهن ۽ خاص ڪري قبرستانن ۾ ميونسپل سهولتن جي فراهمي بابت ڪم تيزي، سان مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

تحريڪ لبيڪ پاڪستان مرڪز طرفان ڏنڌڙ مهانگائي خلاف خانواهڻ ۾ احتجاج

يوسي ديهات، ڪوڙو خشڪ، محبت ديرو سيال ۽ خانواهڻ پاران مدرسه گل محمدي کان ريلي

پريس ڪلب پهتي ۽ شٽر بند هڙتال ڪئي وئي جنهن سبب شهر جا سڀئي ڪاروباري مرڪز بند رهيا

عوام دربدر ۽ عذاب واري زندگي گذاري رهيو آهي، پنهنجو پورو پيٽ گذر به نٿو ڪري سگهي: مظاهرين

خانواهڻ (رپورٽ: عاجز امتياز نوح پوٽو) تحريڪ لبيڪ پاڪستان مرڪز طرفان ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف 27 فيبروري تي اعلائيل شٽر بند هڙتال جي سڏ تي تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي يوسي ديهات، ڪوڙو خشڪ، محبت ديرو سيال ۽ خانواهڻ پاران مدرسه گل محمدي خانواهڻ کان ڪڍي وئي جيڪا عيدگاه چونڪ، مين شاهي بازار، صرافا بازار، شاه لطيف چونڪ، سيد چونڪ، اناج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سبب وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ دادو پاران احتجاج

ڪارڪنن پاران تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي مرڪزي سڏ تي دادو شهر ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي وئي

راشد حسين رضوي، سعيد احمد، نعمت الله شاهاڻي، سعيد احمد سيال ۽ ٻين اڳواڻن پاران مظاهرو ڪيو ويو

مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري تيل جي قيمتن ۾ لاٿ آڻي غريب عوام کي رليف ڏنو وڃي: اڳواڻن جون ڳالهيون

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سبب وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي مرڪزي سڏ تي دادو شهر ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي وئي، تفصيل موجب ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي سبب مذهبي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ دادو پاران احتجاج ڪيو ويو پاسي بازارون بند ڪيل آهن

سکر ۾ جامعه اسلاميه اشاعت القرآن والحديث پاران ساليانو صحيح بخاري شريف و دستار فضيلت ڪانفرنس

سکر: جامعه اسلاميه اشاعت القرآن والحديث نئون ڳوٺ سکر جي انتظامن هيٺ ساليانو صحيح بخاري شريف و دستار فضيلت ڪانفرنس هري مسجد نئون ڳوٺ ۾ ڪوٺائي وئي، تقريب ۾ مولانا محمد حنيف، مولانا عبدالصمد هاليجوي، مولانا مظهر حسين، مولانا نصير الله قاسمي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سڄاول ۾ تحريڪ لبيڪ جي سڏ تي مهانگائي جي خلاف شٽربند هڙتال

مهانگائي ۽ بيروزگاري خلاف شٽربندهڙتال ڪئي وئي، سمورا علائقا بند رهيا

تحريڪ لبيڪ سڄاول جو اڳواڻ بابو جمن ڪتي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

مهانگائي جي ڪري غريب مسڪين ماڻهو هڪ ويلي جي ماني لاءِ به پريشان آهن

سڄاول (ڊ ر) سڄاول ۾ تحريڪ لبيڪ جي سڏ تي مهانگائي جي خلاف شٽربندهڙتال ڪئي وئي، سڄي سنڌ جيان سڄاول ۾ به تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي مهانگائي ۽ بيروزگاري خلاف شٽربندهڙتال ڪئي وئي، هڙتال سبب شهرجا سمورا ننڍا وڏا ڪاروباري مرڪز بند رهيا، هڙتال صبح کان وٺي هڪ بجي تائين جاري رهي، ان کان بعد تحريڪ لبيڪ سڄاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

وارهه ۾ وڌندڙ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

مرڪزي سڏ تي وارهه ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي وئي شهر جا سمورا ڪاروباري مرڪز بند رهيا رهيا

همت علي چانڊيو حافظ منتارچانڊيو حافظ عبدالحليم چانڊيو زاهدحسين ٻرڙو ۽ ٻين پاران ريلي

مسڪين مزدور ماڻهون هڪ ويلي جي ٻچڙن کي ماني نٿو ڪارائي نٿو سگهي: مظاهرين جون ڳالهيون

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه سڄي ملڪ جيئان وارهه ۾ به وڌندڙ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ جي مرڪزي سڏ تي وارهه ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي وئي شهر جا سمورا ڪاروباري مرڪز بند ان موقعي تي اڳواڻن پي ايس 17 جي امير حافظ محبوب جوڻيجو طالب حسين چانڊيو ڊويزن اڳواڻ مولانا همت علي چانڊيو حافظ منتارچانڊيو حافظ عبدالحليم چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

وارهه: وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ جي مرڪزي سڏ تي ڪيل هڙتال

سکر ”واپاري شاهه زمان پاران بوگس چيڪ ڏيڻ ۽ بااثر جي ڌمڪين خلاف احتجاج، نعريبازي

سکر: سکر جي واپاري شاهه زمان پاران ڊيزل سپلائي جي رقم جا بوگس چيڪ ڏيڻ ۽ بااثر شخص جي ڌمڪين خلاف سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي شاهه زمان صحافين کي ٻڌايو آهي يو فون ڪمپني سان لاڳاپيل شخص شاهد نويد يوفون جي ٽاورن کي هڪ مهيني جي آرڊر تي ڊيزل فراهم ڪرڻ لاءِ چيو هو 35 لکن جي ڊيزل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ جي ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري صوبائي وزير پاران شڪايتن تي دورا

صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي دورا ڪيا

ريجنل انچارج نوابشاهه پولٽري پروٽين فيڪٽرين خلاف وڌندڙ عوامي شڪايتن تي ماحولياتي تجزيا ڪيا

صفائي جا انتظام نه ٿيڻ تي مالڪن کي نوٽيس جاري ڪندي قانون موجب سخت ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سنڌ جي ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (SEPA) نعيم احمد مغل جي هدايتن تي ريجنل انچارج شهيد بينظير آباد گل عامر سنبل، انچارج ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سيپا، SIPA نوشهروفيروز ضلع اسدالله تنيو ۽ مقصود احمد ڪلهوڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ميهڙ ۾ ناري جي اغوا ۾ سهولتڪاري الزام هيٺ پورهيت کي جرڳو ڪرائڻ تي مجبور ڪرڻ خلاف احتجاج

مجبور ڪرڻ خلاف متاثر پورهيت ڪٽنب سميت پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ثاقب ڪالوني جي رهواسي ريڙهي تي سبزي وڪرو ڪندڙ پورهيت علي گل ڪوڪر ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

دادو (ن سنڌيار) ميهڙ ۾ نينگري جي اغوا وارو مامرو: ميهڙ جي رهواسي پورهيت علي گل ڪوڪر پنهنجي گهرڀاتين سان گڏجي پاڪ ڪتاب کڻي دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪجهه وقت اڳ ميهڙ مان هڪ نينگري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو ۾ رٽائرڊ گورنمينٽ ملازمن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

رٽائرڊ گورنمينٽ ملازمن کي گهربل سهولتون ڏنيون وڃن: سڪندر اعظم ملاح

مهانگائي جي دور ۾ رٽائرڊ ملازمن کي وڏا مسئلا در پيش آهن، پئڪيج جلد ڏنو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ رٽائرڊ گورنمينٽ ملازمن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. رٽائرڊ ملازمن سڪندر اعظم ملاح ۽ ٻين ملازمن جوچوڻ هو ته رٽائرڊ گورنمينٽ ملازمن کي گهربل سهولتون ڏنيون وڃن. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو: رٽائرڊ گورنمينٽ ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺاروشاهه ويجهو پوريٽي لنڪ روڊ تي ابراهيم شاهه درگاهه وٽ روڊ حادثو

ڳوٺ شير خان چانڊيو واسڻ 25 سالا عورت بابران چانڊيو سخت زخمي ٿي

رورل هيلٿ سينٽر ٺاروشاهه آندو جتي ڊاڪٽرن عورت جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

ٺاروشاهه (رپورٽ: راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه پرسان پوريٽي لنڪ روڊ تي لوڊر رڪشا جي چين ۾ رڳو ڦاسڻ سبب عورت رڪشي تان ڪري فوت ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو محمد خان ۾ به تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي شٽر ڊائون هڙتال

شهر جا مک ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند رهيا، اسٽيشن روڊ ۽ ٻيا علائقا بند

تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي ڪارڪنن پير محمد علي جان سرهندي ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ به تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي شٽر ڊائون هڙتال ڪئي وئي جنهن سبب شهر جا مک ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند رهيا جنهن ۾ اسٽيشن روڊ، اناج منڊي، مهراڻ چوڪ، بلورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مذهبي جماعت جي سڏ تي سنڌ جي راڄڌاني شهر ڪراچي ۾ احتجاجي مظاهرو

پراڻي سبزي منڊي، نيو ٽاؤن، چانڊني چوڪ، سرحاني ٽائون، صدر جا علائقا بند

مذهبي جماعت جي سڏ تي اڪثر روڊ رستا به ويران رهيا، ٽرانسپورٽ به گهٽ رهي

ڪراچي (رپورٽر) مذهبي جماعت جي سڏ تي سنڌ جي راڄڌاني شهر ڪراچي ۾ به مهنگائي جي خلاف ڪراچي جا مختلف علائقا بند رهيا پراڻي سبزي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: مذهبي جماعت جي سڏ تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

علائقن ۾ ترقياتي ڪم وڏي تعداد ڪرايا ويا آهن: ايڊمنسٽريٽر نور حسن جوکيو

اسان عوام جي خدمت ڪندي ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي، وڌيڪ ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا

عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪندا رهنداسين اسان انسانيت تي يقين رکون ٿا: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) بن قاسم ٽائون ۾ ايڊمنسٽريٽر ضلع ڪونسل ڪراچي نور حسن جوکيو سان علائقي معززين جي ترقياتي ڪمن جي حوالي سان ملاقات ان موقعي تي ايڪسين مرتضا ملڪ سينيٽيشن ڊائريڪٽر مشتاق متو ۽ ٻيا به موجود هيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

غوثپور پرسان مٺن انڊس هاءِ وي تي مير واهه لاڙي پرسان تيز رفتار ويگن جو ٽڪر

موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب ڪير جو واپاري علي محمد اوڳاهي سخت زخمي ٿي پيو

نازڪ حالت هجڻ سبب ڪيس لاڙڪاڻي جي سول اسپتال داخل ڪرائڻ لاءِ روانو ڪري ڇڏيو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر پرسان مٺن انڊس هاءِ وي تي مير واهه لاڙي پرسان تيز رفتار ويگن جو سامهون ايندڙ موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب ڪير جو واپاري علي محمد اوڳاهي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي پرپاسي جي ڳوٺاڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

غوثپور: حادثي ۾ زخمي ٿيل شخص جو علاج ڪيو پيو وڃي

مٺياڻي روڊ اوپن نالي وارو ڪم رولڙي جو شڪار بڻجي ويو، اختياريون خاموش

نيڪ نمازي ماڻهو پاڙيسري جا ايندڙ ويندڙ رستي وارا مشڪلاتن جو شڪار آهن

ڊرينيج سسٽم به صحيح نه هجڻ ڪري علائقي واسين سخت پريشان حال ۾ ويٺل

نوشهرو فيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) مٺياڻي روڊ اوپن نالي وارو ڪم رولڙي جو شڪار بڻجي ويو پبلڪ هيلٿ آفيسر عنايت الله ميمڻ دڪاندارن کي رڳو ڪوڙا آسرا ڏئي رهيو آهي جيئن ته اوپن نالي وارو ڪم پندرهن ڏينهن جو آهي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سول اسپتال نوشهرو فيروز کي مثالي اسپتال بڻائڻ ۾ ادا ڪندس: خادم علي مگريو

آپريشن ٿيٽر ۾ اسٽلائيزيشن مشين ۽ ليبارٽري ۾ هيموگلوبن ڪٽ ڏنا ويا آهن: ايم ايس

سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جون اسپتال لاءِ هلندڙ خدمتون قابل تحسين آهن: سماجي اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سول اسپتال نوشهرو فيروز کي مثالي اسپتال بڻائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ادا ڪندس ۽ اهي سموريون سهولتون فراهم ڪندس جيڪي مريض جو بنيادي حق آهي اهڙن خيالن جو اظهار سول سرجن ڊاڪٽر خادم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

تعلقه پريس ڪلب وارهه جي دستوري گڏجاڻي ٽي رڪني ڪاميٽي جي نگراني ۾ ٿي

بشير لطيفي پاران هلائي وئي ڪاروائي جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان شروع ڪيو ويو

ميڊيائي ادارن جو واڌارو رپورٽنگ جي ڪارڪردگي ۽ فنانس تي ڳالهه ٻولهه ڪري لاءِ عمل جوڙيو ويو

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) تعلقه پريس ڪلب وارهه جي دستوري گڏجاڻي ٽي رڪني ڪاميٽي ميمبرز سينئير صحافي سميع الله پڳهيو ۽ بشير لطيفي جي صدارت هيٺ ٿي گڏجاڻي، گڏجاڻي جي ڪاروائي بشير لطيفي پاران هلائي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

وارهه: تعلقه پريس ڪلب جي دستوري گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي

ڳريوا سنڌ جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽن ڏينهن واري علامتي بک هڙتال

مطالبن جي مڃتا لاءِ سيٺارجا پبلڪ پارڪ گيٽ آڏو علامتي بک هڙتال ڪئمپ ٿي

ڪاتن جا رٽائرڊ ملازمن جو هڪ وڏو انگ علامتي بک هڙتالي ڪئمپ تي موجود هيو

بينيوئل فنڊ سميت وزيراعظم پاران اعلائيل وڌايل پگهار ۽ صحت ڪارڊ تي عمل جو مطالبو

سيٺارجا (رپورٽ: الطاف حسين پٺاڻ) ڳريوا سنڌ جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽن ڏينهن واري علامتي بک هڙتال جي پهرين ڏينهن ۾ پبلڪ پارڪ تي علامتي بک هڙتال ڪئمپ تي احتجاج جاري. گورنمينٽ رٽائرڊ ايمپلائز ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سيٺارجا: ڳريوا سنڌ جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ بک هڙتال تي ويٺل آهن

تحريڪ لبيڪ پاران شٽر بند هڙتال جي بدين جي واپارين پاران ڀرپور موٽ، احتجاج

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي شٽر ڊائون هڙتال ڪئي ويئي شهر جا مک ڪاروباري مرڪز مڪمل طور بند رهيا جڏهن ته ٽرانسپورٽ جي جزوي هڙتال رهي هئي پاسي تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلع بدين جي امير نادر حسين ميمڻ جي اڳواڻي ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو

نواب شاهه پوليس جي ڪاروائي، رقم ڪٺي ويندڙن کان ڦر ڪندڙ گروهه جا 2 ساٿي گرفتار

پوليس گرفتار ڪري ڦر ٿيل رقم مان ڪافي حد تائين ڦر ٿيل رقم، موبائل فون هٿ ڪري ورتا

ايس ايڇ او سيف الله ڀگهيو بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري سان گڏ پريس ڪانفرنس هيو

نواب شاهه (رپورٽر) پوليس جي ڪامياب ڪاروائي، هٿيارن جي زور تي بينڪ مان رقم ڪٺي ويندڙن کان ڦر ڪندڙ گروهه جا به ساٿي نواب شاهه پوليس گرفتار ڪري ڦر ٿيل رقم مان ڪافي حد تائين ڦر ٿيل رقم، موبائل فون ۽ وارداتن ۾ استعمال ٿيل اسلحو پڻ برآمد ڪري ورتو آهي اهڙن خيالن جو اظهار ڊي ايس پي سٽي حبيب الرحمان لاشاري، ايس ايڇ او انسپيڪٽر سيف الله ڀگهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏڙو ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي تاريخي شٽر بند هڙتال، احتجاجي مظاهرو

ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ تيل جي اگهن ۾ واڌ خلاف شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي

شهر جي شاهي بازار، ريشم گلي، بس اسٽاپ، سوزوڪي اسٽاپ، سرڪاري اسپتال چوڪ بند رهيا

مولانا منظور لغاري، منور ميمڻ، انور ملاح، حافظ هدايت سومرو، نظير شاهه، سڪندر لاشاري شريڪ

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ تاريخي شٽر بند هڙتال، احتجاجي مظاهرو. ڏڙو: ڏڙو ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ تيل جي اگهن ۾ واڌ خلاف شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال، شهر جي شاهي بازار، ريشم گلي، بس اسٽاپ، سوزوڪي اسٽاپ، سرڪاري اسپتال چوڪ سميت سمورا ننڍا وڏا ڪاروباري مرڪزبند. تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدترين مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي استحصال خلاف تحريڪ لبيڪ پاران احتجاج

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) ملڪ ۾ بدترين مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي استحصال خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي پوري ملڪ جيان نئون ديرو ۾ به شٽربند هڙتال جاري آهي، هڙتال سبب نئون ديرو شهر جا سمورا ننڍا، وڏا ڪاروباري مرڪز صراف بازار، ريشم بازار، شاهي بازار، نم چاڙهي چوڪ، موبائل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڏڙو: تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي تاريخي شٽربند هڙتال، احتجاج ڪيو پيو وڃي

جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون هڪ تربيتي ورڪشاپ ۽ حلف برداري پروگرام

20 برانچن ۽ روحاني طلبا جماعت جي ضلعي عهديدارن ۽ خلفاءِ و علماءِ اڪرام شرڪت ڪئي

مهمانن ۽ برانچز کان آيل عهديدارن کي ضلعي صدر خليفا منير احمد عباسي طاهري آجياڻو پيش ڪيو

مشتمل ليڪچر ڏنو ۽ صحت ۽ صفائي جا خاص پهلو ۽ احتياطي تدابيرن کان جماعت کي آگاهي ڏني

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 پاران برانچ ڳوٺ حافظ مير محمد ڪلهوڙو ۾ ”تربيتي ورڪشاپ ۽ حلف برداري پروگرام ٿي گذريو جماعت اصلاح المسلمين جماعت جي پريس ترجمان موجب جماعت اصلاح المسلمين جي برائين توڙي نيين برانچن جي عهديدارن سميت تقريبا 20 برانچن ۽ روحاني طلبا جماعت جي ضلعي عهديدارن ۽ خلفاءِ و علماءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو باگو ۾ گورنمينٽ رٽائرڊ ملازم ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران احتجاجي مظاهرو

ڪريم خواجه، مهراڻ درس، طاهر آرائين، عبدالواحد، الهبچايو جاڙو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو

عوامي تحريڪ اڳواڻن لڪاڏنو، ستو ڪولهي ۽ بک هڙتالي ڪئمپ تي اچي حمايت ڪئي

ڪنٽيل گروپ انشورنس جا پنهنجا پيسا عدالتي حڪم باوجود سنڌ حڪومت نٿي ڏي: مظاهرين

ٽنڊو باگو (رپورٽ: رفاقت جروار) گورنمينٽ رٽائرڊ ملازم ويلفيئر ايسوسيئيشن (ڳريوا) سنڌ جي سڏ تي تعلقي ٽنڊو باگو جي ملازمن پريس ڪلب ٽنڊو باگو تي بک هڙتال ڪئي جنتي ڪريم خواجه، مهراڻ درس، طاهر آرائين، عبدالواحد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو باگو: گورنمينٽ رٽائرڊ ملازم ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ تحريڪ لبيڪ جي سڏ تي مهانگائي خلاف هڙتال، شهر بند

سکر (رپورٽر) تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي مرڪزي امير سعد حسين رضوي جي سڏ تي مهانگائي خلاف ڏنل هڙتال واري سڏ تي سکر ۾ جزوي هڙتال لوڪل ٽرانسپورٽ يوز جي معمول جيان هلندي رهي مک بازارن ۾ به مڪمل شٽر بند هڙتال نه ڪئي وئي جڏهن ته پوليس ۽ رينجرز پاران شهر جو گشت جاري رهيو جڏهن ته تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ايم ڪيو ايم جي جي فرمائش تي ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي پئي وڃي: لال جروار

ملڪ جي آئين جي سنگين توهين آهي. هي آدمشماري ملڪي آئين سان مذاق آهي

ملڪ دشمن سازشي آدمشماري ڪرائي نام نهاد جمهوري دور ۾ آئين، قانون ٽوڙي رهيون آهن

خاطر ملڪ دشمن سازشي آدمشماري ڪرائي نام نهاد جمهوري دور ۾ آئين، قانون ٽوڙي رهيون آهن

نوشهروفيروز (ڊ ر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، سيڪريٽري جنرل نور ڪاتيار، اسماعيل خاصخيلي، ستار رند، خالد تنيو ايڊووڪيٽ ۽ ٻين پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ ميٽ دي پريس کي خطاب ڪندي چيو آهي ته پيپلزپارٽي طرفان موجود وفاقي اتحادي حڪومت وسيلي سي آئي مان فيصلو منظور ڪرائي مارچ کان اپريل تائين سنڌ ۾ آدمشماري ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهرو فيروز ۾ ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ پاران احتجاجي مظاهرو

مظاهري جي اڳواڻي خليفه مفتي سردار احمد خان -امير فقير مجيب الرحمان چانڊيو ڪئي

سعد رضوي جي حڪم تي ملڪ ۾ شٽر بند هڙتال ۽ پرامن مظاهرن جو اعلان ڪيو هو: اڳواڻ

ظالم حڪمرانن غريبن کان به ماني کائڻ به ڪسي ورتي آهاڻي ته هڪ ويلو به ماني نٿي ملي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سموري ملڪ جيان نوشهرو فيروز ضلعي ۾ به ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ جي سڏ تي مڪمل شٽر بند هڙتال احتجاجي مظاهرو مظاهري جي اڳواڻي خليفه مفتي سردار احمد خان امير فقير مجيب الرحمان چانڊيو ناظمي اعلي محمد علي قادري رضوان علي مشوري عبدالحليم پرهيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوت اسان تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز: تحريڪ لبيڪ جي سڏ تي وڌندڙ مهانگائي خلاف هڙتال ڪئي وئي

سکر ۾ پورهيت داد محمد چوهاڻ پاران احتجاج

سکر: شڪارپور ضلعي تعلقي لکي غلام شاهه جي ڳوٺ ٻانگو لباڻو جي رهواسي پورهيت داد محمد چوهاڻ سکر پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو ٻڌايو آهي ته هو بورڇي آهي ڪيترن ئي ناليوارن هوٽلن تي بورچي جو ڪم ڪيو آهي پر هن وقت بي روزگار هجڻ سبب گهر ۾ فاقه ڪشي واري صورتحال آهي شڪارپور جي ڪيترن ئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر سائنس جي تعليم لازمي ڏني وڃي: ڊي سي

هن جديد دور ۾ ڪمپيوٽر سائنس جي تعليم کان سواءِ ترقي ناممڪن آهي: لعل ڏنو منگي

چئن تعلقن ڪلوئي، ڏيپلو، ڇاڇرو ۽ ڏاهلي ۾ اسڪول نه ايندڙ ٻارن جي متعلق رپورٽ ڏني وڃي

ٿرپارڪر ۾ زياده گرمي ٿيڻ سبب هيٽ اسٽروڪ جي ڪيسن کان بچي سگهجي: اجلاس ۾ ڳالهيون

مٺي (پ ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر لعل ڏنو منگي چيو آهي ته ٿرپارڪر جي پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر سائنس جي تعليم لازمي ڏني وڃي. ڇاڪاڻ ته هن جديد دور ۾ ڪمپيوٽر سائنس جي تعليم کان سواءِ ترقي ناممڪن آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن دربار هال مٺي ۾ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ٿرپارڪر جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو هن چيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 28 فيبروري 2023ع

سنڌ جا خدشا ختم ڪرڻ گهرجن

چوڻي آهي ته "ٽانگ جو ڪاڏل نوڙي کان به ڏڄندو آهي". سنڌ به انهي ڪيفيت ۾ ڪيترن سالن کان گذاري رهي آهي. ان جي وسيلن تي سدائين ڌاڙو هنيو ويو آهي. ان جي پاڻي جي چوري اڄا تائين بند نه ٿي ٿئي، نوڪرين جي ڪوٽا ۾ اها سدائين نظرانداز ٿيندي رهي آهي، وفاقي ترقياتي پروگرام ۾ ان جو حصو ان جي حق جيترو نه هوندو آهي. سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس اوڳاڙڻ باوجود ان کي موٽ ۾ پورو حصو نه ٿو ملي. اهي ۽ ان جهڙيون ٻيون ڪوڙ ڳالهيون آهن جن لاءِ سنڌ سدائين شڪايت ڪندي رهي آهي احتجاج ڪندي رهي آهي پر پوءِ به ان جي آواز کي موٽ ناهي ملي. اها اڄ به آئين ئي شڪايتون ڪندي رهي ٿي. هن وقت وري هڪ نئون مسئلو سنڌ جي سامهون آهي جنهن تي سڄي سنڌ خدشا ڏيکاري رهي آهي ته ڊجيٽل آدمشماري سنڌ خلاف ۽ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش آهي جنهن تي سنڌ جي حڪمران جماعت به خدشا ڏيکاريا آهن ته باقي ٻيون قومپرست پارٽيون توڙي ساڃاهه وند احتجاج ڪري رهيا آهن.

آئيني طور آدمشماري هر ڏهين سال ڪرائڻي هوندي آهي پر هتي عجيب ٿي رهيو آهي ته ڪنهن هڪ پارٽي کي خوش ڪرڻ لاءِ انهي آئيني گهرجي کي به لتاڙيو پيو وڃي ۽ حڪمران جماعت جي اتحادي پارٽي کي خوش ڪرڻ لاءِ وقت کان اڳ آدمشماري جو اعلان ڪيو ويو آهي. سنڌ اهو واحد صوبو آهي جنهن جي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ لکين ماڻهو غير قانوني طور ترسيل آهن روزگار ڪري رهيا آهن ۽ سنڌ جي ناڻي ۽ وسيلن تي بار بڻيل آهن. سنڌ جا ماڻهو ته مطالبو ڪندا رهيا آهن پر ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عدالت به اهو حڪم ڏئي چڪي آهي ته سنڌ ۾ ترسيل غير قانوني پرڏيهين کي ڪڍيو وڃي جيڪي صوبي ۾ ڏوهاري ۽ دهشتگردي جي وارداتن ۾ ملوث آهن. وفاقي توڙي صوبائي حڪومتون اهي قدم کڻڻ بدران اهڙي آدمشماري طرف وڃي رهيون آهن جنهن ۾ اهي ڌاريا به ڳڻجي ويندا ۽ انهن جي ڳڻپ جي بنيادن تي خاص ڪري گادي واري شهر ۽ وڏن شهرن ۾ قومي توڙي صوبائي اسيمبلين جي تڪن ۾ اضافي جو خدشو آهي جنهن سان اصل سنڌ واسي ڳڻپ ۾ گهٽجي ويندا. سنڌ کي آدمشماري تي اعتراض ناهي پر انهي طريقي تي اعتراض آهي جنهن سان غير قانوني طور ترسيل به سنڌ جي آدمشماري ۾ شامل ٿي ويندا. سنڌ ۾ ڪجهه مهينا اڳ آيل ٻوڏ سبب ٻهراڙين ۾ هن وقت به لکين ماڻهو دربدر آهن جنهن ڪري اهو خدشو آهي ته شايد اهي انهي ڳڻپ ۾ رهجي وڃن ٻيو جيڪو سنڌ جو وڏي ۾ وڏو اعتراض ۽ خدشو آهي ته سڃاڻپ ڪارڊ جو شرط آدم ڳڻپ لاءِ ضروري قرار نه ڏنو ويو آهي جيڪو ماڻهو جتي هوندو ان کي اتي ڳڻپ ۾ شامل ڪيو ويندو. هڪ طرف اصل سنڌ واسين جي ٻوڏ سبب ڳڻپ کان رهجي وڃڻ جو خطرو آهي ته ٻئي طرف وري سڃاڻپ ڪارڊ جو شرط نه هئڻ سبب لکين ڌاريا ڳڻپ ۾ اچڻ جو انديشو آهي جنهن جو فائدو ڪجهه لساني ۽ نفرت جي سياست ڪندڙ ڌرين کي ووٽ جي صورت ۾ ته پوندو پر سنڌ کي ان جو تمام گهڻو نقصان ٿيندو. ڇاڪاڻ ته سپريم ڪورٽ به چئي چڪي آهي ته اهي ڌاريا ئي سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچي ۾ ڏوهي وارداتن ۽ دهشتگردي ۾ ملوث آهن جن کي هتان ڪڍڻ جي ضرورت آهي.

تازو ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي ۾ آدمشماري جي حوالي سان هڪ ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ سنڌ جي حڪمران پارٽي جي به نمائندگي هئي جنهن ۾ سنڌ جي خدشن جو اظهار ڪيو ويو ۽ مطالبو ڪيو ويو ته اها آدمشماري روڪرائي وڃي. اسان سمجهون ٿا ته هي هڪ انتهائي حساس معاملو آهي جنهن تي رڳو هڪ اتحادي پارٽي کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌ جي خدشن کي نه ٻڌڻ نه رڳو ناجائزي بلڪ ناانصافي هوندي تنهن ڪري سنڌ جي حڪمران جماعت وفاقي حڪومت سان ان معاملي تي لهه وچڙ ۾ اچي ۽ جيڪي به سنڌ جا خدشا آهن اهي ختم ڪرائي پوءِ آدمشماري طرف وڌڻ گهرجي

اڪر پڙهي اَياڳِيا! قاضِي ٿئين ڪِياءِ؟
پيرئين ۽ پانئِئين، ايڏا اِئن نه آءُ!
اِنَ سُرڪِيءَ سِندو ساءُ، پڇج عَزازِيل کي.

نواز، زرداري يا عمران، پلو مسافر ڪير آهي؟

نعيم مسعود

ڪي ماڻهو اهڙا به هوندا آهن جن کي سفر ۾ منزل کان وڌيڪ دلڪش نظر ايندو آهي، سفر ۾ اٿڻ ويهڻ به فطري ڳالهه آهي. پر ان ڳالهه جي ڪهڙي گارنٽي آهي ته منزل کان پوءِ سفر نه ٿيندو؟ سفر ۽ وقت نه ٿا رڪجن، نه دل ۾ نه ڌرتيءَ تي! زانو حقيقت ۾ تبديل ٿي رهيو آهي، اهو به تيزيءَ سان، پر اهو ڏسڻو آهي ته اهو بهتر لاءِ آهي يا بدتر لاءِ سڀ ڪجهه پنهنجي جاءِ تي، پر ڪو آهي جيڪو انتظاميه، مقننه ۽ عدليه کي ٻڌائي ته توهان سڀني جو پنهنجو پنهنجو نصاب آهي، پنهنجا پنهنجا امتحان آهن ۽ پنهنجون حدون آهن. تنهنڪري "ميٽيشن آرڊيننس" جو تصور ئي ڀيريون ڪرسي لاءِ پيار جو ثبوت آهي. فصاحت ۽ بلاغت جا ٺيڪيدار ۽ هنرمند جن کي پنهنجي مهارت سان ڪير جو ڪير ۽ پاڻي جو پاڻي ڪرڻو پوندو هو اهي ملڪيتن جي خوشيءَ تي هليا ويا ۽ چوٿون ٿلهو ٺهرايو ۽ اڄ به مؤذن رياست جو چوٿون ستون سڏجڻ جي جستجو ۾ آهي. بلڪ عزت جي منزل ملي، هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. تڏهن ته فقير چوندو آهي ته، سفر جي آسودگيءَ سان مزو وٺو، منزلون تنهنجي قدمن کي چميندڙيون رهنديون. جيڪڏهن توهان کي ڪا منزل پسند آهي ته توهان کي ان جي عادت پئجي ويندي، لت هڪ رڪاوٽ آهي ۽ سفر رڪاوٽن کي هٽائڻ جو هڪ منفرد فن آهي! فقير کان ڪنهن پڇيو ته توهان کي سياستدان بيوروڪريٽس، ٽيڪنوڪريٽ، جنرلن ۽ ججن کان وڌيڪ ڇو پسند آهن؟ هن چيو ته سياستدان ڪڏهن به رٽائر نه ٿيندو آهي. هن جي جاءِ تي ڪو به "ر" لاحقو نه لڳڻ سبب "گرهڻ" ٿئي ٿو پوءِ سياستدان اهو آهي جيڪو خدا جي بادشاهت ۾ احتساب جي آڌار تي سفر ڪري، هر قسم جو احتساب سياستدان کي ڦاسائي ٿو ۽ چيڪ ڪري ٿو ته ڪٿي هو رٽائر نه ٿيو آهي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به ماڻهو رٽائر ٿي ويندا آهن، يعني جمود جو شڪار ٿي ويندا آهن، پر سياستدان جيت يا هاري، هو ڪڏهن به رٽائر نه ٿيندا آهن. جمود جو شڪار نه هوندا آهن، اهو جمود موت آهي. اهو سياستدان ڇا ڪيو، جنهن جا قدم ان دانشور وانگر روڪيا، جن پنهنجي ذهن کي روڪي ڇڏيو! اهي سياستدان جيڪي سمجهن ٿا ته ڪا عدالت يا اسٽيبلشمينٽ کين حڪومت ڏئي ڇڏيندي. اهي ڪنهن حد تائين سياستدان ته ٿي سگهن ٿا پر قيادت نه. قيادت عذابن، خوابن ۽ برائين مان حقيقت ۽ انسان دوستي جو رستو ڳولهي ٿي ۽ ڪڏهن به هڪ لمحي لاءِ به سياستدان جي روايت کان نه هٽي ٿي. ضرورتمندن کان نظرياتي تشريحون پڇڻ توهان کي فقير نه پر فقير بڻائي سگهي ٿو. آصف علي زرداري جي مفاهمتي، نواز شريف جي تعميري سوچ، ذوالفقار علي ڀٽي جي پرڏيهي پاليسي جي سمجهه ۽ قائداعظم محمد علي جناح جو عزم ئي اڄ جي قيادت جو زيور ۽ لباس ٿي سگهي ٿو ها. سمارٽنس عمران خان جي اهم آهي. ججن ۽ جنرلن تي ڪيستائين اعتبار ڪندا. پنهنجي محنت ۽ ڪوشش کان سواءِ توهان کي عاجز رهڻو پوندو. جيتري قدر ملڪي معيشت جو تعلق آهي، جيڪڏهن عوام "مقبول" فيصلن مان نڪرندي انتظاميه کي گهربل رستي تي گامزن ڪندي نظر اچي ته پوءِ آصف علي زرداريءَ کي حفيظ شيخ جي دور ۾ معلوم ٿيو ته دهشتگردي، مهانگو پيٽرول ۽ ٻارجي اوڳاڙي ۾ ڪا به رڪاوٽ نه آئي. پاڪستان جنهن ۾ وارداتون گهٽ ٿيڻ گهرجن. عالمن کي ياد هوندو ته زرداري حڪومت کي ادارا نفعي ۾ ڇڏيا. پر ان وقت کان وٺي، ترقي جي شرح ڏيکارڻ جي چڪر ۾، اسان ترقي ڏيکاريا آهن. پر "مشهور" نه بلڪ پائيدار ۽ مستقل ۽ مستقل هئي، ان کان پوءِ برآمدات انهن جي مقدار جي پيٽ ۾ وارداتن تي وڌيڪ انحصار ڪندي نظر اچن ٿيون. جيڪڏهن اهو فارمولو جاري هجي ها ته 2013ع کان پوءِ به 20 سالن تائين ايڪسپورٽ جو مزو ماڻي سگهي ها. پر اسان معيشت ۾ عطر ڪاڻ ۽ ڏيکاءَ جو رستو نه ٿا ڇڏيون. اڄ اسان معزز ججن کان جيڪي چوندون، جمهوريت ۽ پارلياماني استحڪام جو مطالبو ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن اهي جناب زرداري جي مشوري تي عمل ڪري پاناما ڪيس جو حل پارليامينٽ کان گهرن ها ته پارليامينٽ جي ميمبرن جي توهين نه ٿئي ها. جي مقصد کان به وڌيڪ ڏکيو آهي، ۽ اهو غلط ناهي ته بنهي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به معيشت يا جمهوريت جي منزلن هيٺان ارتقا جا ڦيٿا هوندا آهن. ته جيئن ئي توهان منزل تي قدم رکون ٿا ته اهي ڦيٿا حرڪت ۾ اچي وڃن ٿا. هتي وري هڪ نئين سفر لاءِ تياري ڪرڻ ضروري ٿي پوي ٿي، هتي ٻيهر، هڪ نئين سفر لاءِ تيار ڪرڻ ضروري آهي. جيستائين مٿلن جي چوڌاري ويڙهيل بسترو کوليو وڃي، تيستائين سياستدان يا قيادت کي پنهنجي منزل ارتقائي تحريڪ ۾ ڳولڻ گهرجي نه ته اسٽيبلشمينٽ جي "برڪت" ۾! جيڪڏهن سيني هنڌن ۽ روايتن ۾ مضبوط پائيچاري جو رواج آهي، جيڪي هڪ ٻئي جي جائز ۽ ناجائز مدد ڪن ٿا، ته پوءِ اهڙي سياست ۽ سادگيءَ جا مسافر جمهوريت جا انساني حقن جا ترجمان ڇو نٿا ٿين؟ جيڪڏهن اڄ سياستدان پاڻ کي آئين جي ڪنڊ ۾ وٺي وڃن ته پوءِ ڪين اهو شرڪ ڪڏهن به استعمال نه ڪرڻو پوندو، جيڪو ڪين ٻين جي درگاهن تي جهڪڻ تي مجبور ڪري ٿو! نرگسيت يا اپوزيشن يا غير ضروري توهين کان سواءِ، جمهوريت جي هن سفر ۾ جيڪڏهن عمران خان ۽ نواز زرداري گڏجي سفر ڪن ته تمام گهڻو فائدو حاصل ڪرڻ ممڪن آهي. جمهوريت بذات خود هڪ ڪرشمو آهي. جيڪا انساني حقن جي حفاظت ڪري ٿي! ان ڪري سياستدانن کي پاڻ سنڀالڻ ۽ سنڀالڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ نظرياتي ضرورتن جي زور تي غالب ٿي ويندا. اداري جي ايڊيٽوريل پاليسي لازمي طور تي هن مضمون جي مواد سان متفق هجڻ ضروري ناهي.

ڪي ماڻهو اهڙا به هوندا آهن جن کي سفر ۾ منزل کان وڌيڪ دلڪش نظر ايندو آهي، سفر ۾ اٿڻ ويهڻ به فطري ڳالهه آهي. پر ان ڳالهه جي ڪهڙي گارنٽي آهي ته منزل کان پوءِ سفر نه ٿيندو؟ سفر ۽ وقت نه ٿا رڪجن، نه دل ۾ نه ڌرتيءَ تي! زانو حقيقت ۾ تبديل ٿي رهيو آهي، اهو به تيزيءَ سان، پر اهو ڏسڻو آهي ته اهو بهتر لاءِ آهي يا بدتر لاءِ سڀ ڪجهه پنهنجي جاءِ تي، پر ڪو آهي جيڪو انتظاميه، مقننه ۽ عدليه کي ٻڌائي ته توهان سڀني جو پنهنجو پنهنجو نصاب آهي، پنهنجا پنهنجا امتحان آهن ۽ پنهنجون حدون آهن. تنهنڪري "ميٽيشن آرڊيننس" جو تصور ئي ڀيريون ڪرسي لاءِ پيار جو ثبوت آهي. فصاحت ۽ بلاغت جا ٺيڪيدار ۽ هنرمند جن کي پنهنجي مهارت سان ڪير جو ڪير ۽ پاڻي جو پاڻي ڪرڻو پوندو هو اهي ملڪيتن جي خوشيءَ تي هليا ويا ۽ چوٿون ٿلهو ٺهرايو ۽ اڄ به مؤذن رياست جو چوٿون ستون سڏجڻ جي جستجو ۾ آهي. بلڪ عزت جي منزل ملي، هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. تڏهن ته فقير چوندو آهي ته، سفر جي آسودگيءَ سان مزو وٺو، منزلون تنهنجي قدمن کي چميندڙيون رهنديون. جيڪڏهن توهان کي ڪا منزل پسند آهي ته توهان کي ان جي عادت پئجي ويندي، لت هڪ رڪاوٽ آهي ۽ سفر رڪاوٽن کي هٽائڻ جو هڪ منفرد فن آهي! فقير کان ڪنهن پڇيو ته توهان کي سياستدان بيوروڪريٽس، ٽيڪنوڪريٽ، جنرلن ۽ ججن کان وڌيڪ ڇو پسند آهن؟ هن چيو ته سياستدان ڪڏهن به رٽائر نه ٿيندو آهي. هن جي جاءِ تي ڪو به "ر" لاحقو نه لڳڻ سبب "گرهڻ" ٿئي ٿو پوءِ سياستدان اهو آهي جيڪو خدا جي بادشاهت ۾ احتساب جي آڌار تي سفر ڪري، هر قسم جو احتساب سياستدان کي ڦاسائي ٿو ۽ چيڪ ڪري ٿو ته ڪٿي هو رٽائر نه ٿيو آهي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به ماڻهو رٽائر ٿي ويندا آهن، يعني جمود جو شڪار ٿي ويندا آهن، پر سياستدان جيت يا هاري، هو ڪڏهن به رٽائر نه ٿيندا آهن. جمود جو شڪار نه هوندا آهن، اهو جمود موت آهي. اهو سياستدان ڇا ڪيو، جنهن جا قدم ان دانشور وانگر روڪيا، جن پنهنجي ذهن کي روڪي ڇڏيو! اهي سياستدان جيڪي سمجهن ٿا ته ڪا عدالت يا اسٽيبلشمينٽ کين حڪومت ڏئي ڇڏيندي. اهي ڪنهن حد تائين سياستدان ته ٿي سگهن ٿا پر قيادت نه. قيادت عذابن، خوابن ۽ برائين مان حقيقت ۽ انسان دوستي جو رستو ڳولهي ٿي ۽ ڪڏهن به هڪ لمحي لاءِ به سياستدان جي روايت کان نه هٽي ٿي. ضرورتمندن کان نظرياتي تشريحون پڇڻ توهان کي فقير نه پر فقير بڻائي سگهي ٿو. آصف علي زرداري جي مفاهمتي، نواز شريف جي تعميري سوچ، ذوالفقار علي ڀٽي جي پرڏيهي پاليسي جي سمجهه ۽ قائداعظم محمد علي جناح جو عزم ئي اڄ جي قيادت جو زيور ۽ لباس ٿي سگهي ٿو ها. سمارٽنس عمران خان جي اهم آهي. ججن ۽ جنرلن تي ڪيستائين اعتبار ڪندا. پنهنجي محنت ۽ ڪوشش کان سواءِ توهان کي عاجز رهڻو پوندو. جيتري قدر ملڪي معيشت جو تعلق آهي، جيڪڏهن عوام "مقبول" فيصلن مان نڪرندي انتظاميه کي گهربل رستي تي گامزن ڪندي نظر اچي ته پوءِ آصف علي زرداريءَ کي حفيظ شيخ جي دور ۾ معلوم ٿيو ته دهشتگردي، مهانگو پيٽرول ۽ ٻارجي اوڳاڙي ۾ ڪا به رڪاوٽ نه آئي. پاڪستان جنهن ۾ وارداتون گهٽ ٿيڻ گهرجن. عالمن کي ياد هوندو ته زرداري حڪومت کي ادارا نفعي ۾ ڇڏيا. پر ان وقت کان وٺي، ترقي جي شرح ڏيکارڻ جي چڪر ۾، اسان ترقي ڏيکاريا آهن. پر "مشهور" نه بلڪ پائيدار ۽ مستقل ۽ مستقل هئي، ان کان پوءِ برآمدات انهن جي مقدار جي پيٽ ۾ وارداتن تي وڌيڪ انحصار ڪندي نظر اچن ٿيون. جيڪڏهن اهو فارمولو جاري هجي ها ته 2013ع کان پوءِ به 20 سالن تائين ايڪسپورٽ جو مزو ماڻي سگهي ها. پر اسان معيشت ۾ عطر ڪاڻ ۽ ڏيکاءَ جو رستو نه ٿا ڇڏيون. اڄ اسان معزز ججن کان جيڪي چوندون، جمهوريت ۽ پارلياماني استحڪام جو مطالبو ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن اهي جناب زرداري جي مشوري تي عمل ڪري پاناما ڪيس جو حل پارليامينٽ کان گهرن ها ته پارليامينٽ جي ميمبرن جي توهين نه ٿئي ها. جي مقصد کان به وڌيڪ ڏکيو آهي، ۽ اهو غلط ناهي ته بنهي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به معيشت يا جمهوريت جي منزلن هيٺان ارتقا جا ڦيٿا هوندا آهن. ته جيئن ئي توهان منزل تي قدم رکون ٿا ته اهي ڦيٿا حرڪت ۾ اچي وڃن ٿا. هتي وري هڪ نئين سفر لاءِ تياري ڪرڻ ضروري ٿي پوي ٿي، هتي ٻيهر، هڪ نئين سفر لاءِ تيار ڪرڻ ضروري آهي. جيستائين مٿلن جي چوڌاري ويڙهيل بسترو کوليو وڃي، تيستائين سياستدان يا قيادت کي پنهنجي منزل ارتقائي تحريڪ ۾ ڳولڻ گهرجي نه ته اسٽيبلشمينٽ جي "برڪت" ۾! جيڪڏهن سيني هنڌن ۽ روايتن ۾ مضبوط پائيچاري جو رواج آهي، جيڪي هڪ ٻئي جي جائز ۽ ناجائز مدد ڪن ٿا، ته پوءِ اهڙي سياست ۽ سادگيءَ جا مسافر جمهوريت جا انساني حقن جا ترجمان ڇو نٿا ٿين؟ جيڪڏهن اڄ سياستدان پاڻ کي آئين جي ڪنڊ ۾ وٺي وڃن ته پوءِ ڪين اهو شرڪ ڪڏهن به استعمال نه ڪرڻو پوندو، جيڪو ڪين ٻين جي درگاهن تي جهڪڻ تي مجبور ڪري ٿو! نرگسيت يا اپوزيشن يا غير ضروري توهين کان سواءِ، جمهوريت جي هن سفر ۾ جيڪڏهن عمران خان ۽ نواز زرداري گڏجي سفر ڪن ته تمام گهڻو فائدو حاصل ڪرڻ ممڪن آهي. جمهوريت بذات خود هڪ ڪرشمو آهي. جيڪا انساني حقن جي حفاظت ڪري ٿي! ان ڪري سياستدانن کي پاڻ سنڀالڻ ۽ سنڀالڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ نظرياتي ضرورتن جي زور تي غالب ٿي ويندا. اداري جي ايڊيٽوريل پاليسي لازمي طور تي هن مضمون جي مواد سان متفق هجڻ ضروري ناهي.

زندگي ڇا آهي !!

لڪشا ڪمليش جڳرو

ڪڏهن انڌيري رات ۾ خالي آسمان جي هيٺ ويهي، چنڊ کي ڏسي، سوچيو تڏهن زندگي ۽ چنڊ ٻئي خوبصورت لڳن ٿا. وقت هن ڳالهه جي گواهي ته ڏي ٿو ته چنڊ خوبصورت آهي. پر زندگي؟ ڪنهن سڪون واري جاءِ تي ويهي سوچون زندگي ڇا آهي؟ زندگي ڪنهن کي چون ٿا؟ ڪڏهن ساحل جي ڪناري تي ويهي هٿ ۾ پاڻي کڻي، جڏهن اهو پاڻي چند لمحن ۾ توهان جي هٿ مان گذري وڃي. تڏهن ٻيهر سوچيو زندگي ڇا آهي؟ ڪنهن اوچي عمارت جي دري ۾ ويهي هيٺ هي چمڪندڙ بتين کي ڏسون ته وري سوچون آخر زندگي ڇا آهي؟ زندگي صحيح معني ۾ سوچون ته ڏاڍي سولي آهي. پر گذاريون ته ڏاڍي مشڪل آ. زندگي هڪ عجب رحم آهي. ڪڏهن ماکيءَ جيئان مٺيءَ آهي. ته ڪڏهن نيم جيئان ڪاري لڳي ٿي. زندگي کي سمجهڻ لاءِ هڪ نئي زندگي گهرجي. زندگي ڪائنات جي اڻ جاتايل باب آهي. ڪڏهن لڳي ٿو ته مختصر ماڻهن جا ڪردار اسان جي زندگي ۾ گهڻي اهميت رکن ٿا. پر ڪڏهن لڳي ٿو ته زندگي اڪيلي گذارڻ ۾ بهتري آهي. مختصر جيڪڏهن ڳالهه ڪيون ته زندگي سمجهه کان ٻاهر آهي. هن زندگي ۾ اسان جو محصوص ڪردار آهي. ڪڏهن لڳي ٿو ته اها هڪ مورت آهي. هاڻ وري سوال اهو اڀري ٿو ته جيڪڏهن مورت آهي ته اها غلطيون ڇو ٿي ڪري؟ ۽ جيڪڏهن هو پاڻ غلطيون ڪري ٿو ته ٻين کي معاف ڪرڻ جي سگهه ڇو ٿو رکي. جيئن حالات متجن ٿا ته اهو جفا جو پتلو پنهنجا اصول به مٽائي ٿو. زندگي جي هڪ سوال مان وري ٻيون، وري انهي مان ٽيون سوال جنم وٺي ٿو. زندگي ڪشمش آهي زندگي اڻ جاتايل سفر ۽ راحت آهي. زندگي فلسفو آهي. زندگي جستجو آهي، زندگي آرزو آهي. زندگي هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين سکڻ جو سفر آهي. هن سفر ۾ ڪيترائي ماڻهو روز گردش ۾ ايندا آهن. ۽ ڪيڏو ڪجهه سيکارينڌا آهن. زندگي هڪ سفر نامو آهي سکڻ جو، غلطين جو، ماڻهن سان رشتا نڀائڻ جو هر ڏينهن نوا رشتا قائم ڪرڻ جو، غلطين کي معاف ڪرڻ جو سڀني سان مٺي ٻولي ڳالهائڻ انهن جي دل ۾ جاءِ ٺاهڻ جو هڪ ٻئي کي عزت احترام ڏيڻ جو انسانيت جا ناتا جوڙڻ جو ورر مختصر سوچون ته زندگي ڇا آهي.

ڪڏهن انڌيري رات ۾ خالي آسمان جي هيٺ ويهي، چنڊ کي ڏسي، سوچيو تڏهن زندگي ۽ چنڊ ٻئي خوبصورت لڳن ٿا. وقت هن ڳالهه جي گواهي ته ڏي ٿو ته چنڊ خوبصورت آهي. پر زندگي؟ ڪنهن سڪون واري جاءِ تي ويهي سوچون زندگي ڇا آهي؟ زندگي ڪنهن کي چون ٿا؟ ڪڏهن ساحل جي ڪناري تي ويهي هٿ ۾ پاڻي کڻي، جڏهن اهو پاڻي چند لمحن ۾ توهان جي هٿ مان گذري وڃي. تڏهن ٻيهر سوچيو زندگي ڇا آهي؟ ڪنهن اوچي عمارت جي دري ۾ ويهي هيٺ هي چمڪندڙ بتين کي ڏسون ته وري سوچون آخر زندگي ڇا آهي؟ زندگي صحيح معني ۾ سوچون ته ڏاڍي سولي آهي. پر گذاريون ته ڏاڍي مشڪل آ. زندگي هڪ عجب رحم آهي. ڪڏهن ماکيءَ جيئان مٺيءَ آهي. ته ڪڏهن نيم جيئان ڪاري لڳي ٿي. زندگي کي سمجهڻ لاءِ هڪ نئي زندگي گهرجي. زندگي ڪائنات جي اڻ جاتايل باب آهي. ڪڏهن لڳي ٿو ته مختصر ماڻهن جا ڪردار اسان جي زندگي ۾ گهڻي اهميت رکن ٿا. پر ڪڏهن لڳي ٿو ته زندگي اڪيلي گذارڻ ۾ بهتري آهي. مختصر جيڪڏهن ڳالهه ڪيون ته زندگي سمجهه کان ٻاهر آهي. هن زندگي ۾ اسان جو محصوص ڪردار آهي. ڪڏهن لڳي ٿو ته اها هڪ مورت آهي. هاڻ وري سوال اهو اڀري ٿو ته جيڪڏهن مورت آهي ته اها غلطيون ڇو ٿي ڪري؟ ۽ جيڪڏهن هو پاڻ غلطيون ڪري ٿو ته ٻين کي معاف ڪرڻ جي سگهه ڇو ٿو رکي. جيئن حالات متجن ٿا ته اهو جفا جو پتلو پنهنجا اصول به مٽائي ٿو. زندگي جي هڪ سوال مان وري ٻيون، وري انهي مان ٽيون سوال جنم وٺي ٿو. زندگي ڪشمش آهي زندگي اڻ جاتايل سفر ۽ راحت آهي. زندگي فلسفو آهي. زندگي جستجو آهي، زندگي آرزو آهي. زندگي هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين سکڻ جو سفر آهي. هن سفر ۾ ڪيترائي ماڻهو روز گردش ۾ ايندا آهن. ۽ ڪيڏو ڪجهه سيکارينڌا آهن. زندگي هڪ سفر نامو آهي سکڻ جو، غلطين جو، ماڻهن سان رشتا نڀائڻ جو هر ڏينهن نوا رشتا قائم ڪرڻ جو، غلطين کي معاف ڪرڻ جو سڀني سان مٺي ٻولي ڳالهائڻ انهن جي دل ۾ جاءِ ٺاهڻ جو هڪ ٻئي کي عزت احترام ڏيڻ جو انسانيت جا ناتا جوڙڻ جو ورر مختصر سوچون ته زندگي ڇا آهي.

بقايا 01

خيالن جو اظهار هن سنڌ اسيمبلي ميڊيا ڪارنر تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو. هن چيو ته قانون سڀني لاءِ هڪ آهي، ڪوئي به قانون کان مٿاهون نه آهي. هن چيو ته لائسنس يافته هٿيار گڏ ڪٿي سگهجي ٿو پر ڪو به ان جي نمائش نٿو ڪري سگهي ۽ هٿيار جي نمائش سان شهرين کي خوف ۾ مبتلا ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عمران خان جي ٽائيگرز کي سٺي پيشڪش ڪئي آهي، هو پنهنجي جيل ڀريو تحريڪ جي تهوار کي سنڌ ۾ به سٺي طريقي سان ملهائين. کين پڪ اينڊ ڊراپ سروس پڻ فراهم ڪئي ويندي. هن چيو ته پي ٽي آئي جي ايم پي ايز پارليمينٽرين نالا لڪرائين، جيڪڏهن اسان کي نالا نٿا ڏيڻ چاهين ته ميڊيا کي ٻڌائين. هن چيو ته عمران خان مايوسي جو شڪار ٿي چڪو آهي. سنڌ ۾ هڪ به شخص ناهي جيڪو هن جي اعلان تي لبيڪ چئي. صوبائي وزير چيو ته عمران خان پاڻ کي عالمي اڳواڻ سمجهي ٿو ۽ برطانيه ۽ پوري دنيا ۾ هن جا وڏا فالوورز ۽ مداح آهن ان لاءِ جيل ڀريو تحريڪ جي هڪ شروعات برطانيه مان به ڪري. هن چيو ته اتي جيل ڀريو تحريڪ جي شروعات پنهنجي گهر کان شروع ڪري ۽ پنهنجي ٽنهي ٻارن کي جيل ڀريو تحريڪ لاءِ اڳتي آڻي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ صوبائي وزير چيو ته پاڪستان جي عظيم اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جنهن ملڪ کي آئين ڏنو ۽ ملڪ کي جوهري طاقت ڏني، ان جو عدالتي قتل ڪيو ويو. هن چيو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ان عدالتي قتل تي سپريم ڪورٽ ۾ ريفرنس داخل ڪيو پر سپريم ڪورٽ آف پاڪستان وٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي انصاف ڏيڻ لاءِ وقت ناهي. جڏهن ته ٽنين نٽدن معاملن تي فوري طور تي سوموٽو ورتو وڃي ٿو ۽ ان جي روزانو جي بنياد تي ٻڌڻي ٿئي ٿي. هن چيو ته لاڏلن کي جتي جتي ريليف ڏيڻو هوندو آهي ته عدالتون رات 12 وڳي ۽ آچر جي ڏينهن به کلي وينديون آهن. جنهن ۾ ڪجهه ماڻهو مصروف آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جوڊيشل ايڪٽوزم جو سڀ کان وڌيڪ شڪار بڻي آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عدالت جي فيصلن تي تنقيد ضرور ڪئي آهي پر ڪڏهن عدالتن کي نشانو ناهي بڻايو. هن چيو ته ان طرح ملڪ ناهن هلندا. هي ملڪ ۾ الارمنگ صورتحال آهي. ڊيجيٽل آدم شماري جي سوال تي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت هر ان قدم جي حمايت ڪندي، جنهن جي تحت آدم شماري جي عمل کي شفاف طريقي سان يقيني بڻايو وڃي ۽ ان معاملي تي ڪنهن سان به سياسي اختلاف ناهن. ٻئي پاسي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ملڪ کي آئين ڏيندڙ جو ڪيس ٻڌڻ لاءِ عدالتن وٽ وقت نه آهي. پر ڏاڏلي کي سنڌس مرضي موجب سهولت ڏني پئي وڃي، قانون کان مٿاهون ڪير به نه آهي، سڀ برابر آهن. عمران خان مايوسي جو شڪار ٿي ويو آهي، عمران خان کي صلاح آهي ته برطانيا ۾ به جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري. جيل ڀريو تحريڪ وارا نالا لڪرائن. کين پڪ اينڊ ڊراپ جي سهولت ڏني ويندي. سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هٿيارن جي نمائش ۽ اڻ رجسٽرڊ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. ايس او پيز جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 02

بابر اعوان درخواست داخل ڪرائيندي چيو ته ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ خطري جو الرٽ جاري ٿيل آهي ۽ اڳ به دهشتگرديءَ جا واقعا ٿي چڪا آهن. عمران خان ڪانسواءِ عام ماڻهن جي حياتيءَ لاءِ به خطرو آهي. عدالت جي جج چيو ته اڄ تائين عدالتي تاريخ ۾ آئين ڪڏهن نه ٿيو آهي جو مان ڪنهن ٻي عدالت ۾ وڃي ويهان. مان پرسان واري عدالت ۾ به ويهي نه ٿو سگهان. عدالت ٻڌڻي جوڊيشل ڪامپليڪس منتقل ڪرڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي. عمران خان جي اڄ حاضريءَ کان ڇوٽ واري درخواست منظور ڪئي وئي آهي

بقايا 03

چيف جسٽس عمر عطا بنديال، جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس منيب اختر، جسٽس جمال خان مندوخيل ۽ جسٽس محمد علي مظهر شامل آهن. چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته 4 ججز بينچ کان ڌار ٿي چڪا آهن. آئين جي تشريح لاءِ باقي بينچ ٻڌڻي جاري رکندي، اسان کي سڀاڻي هر صورت ۾ ڪيس کي مڪمل ڪرڻو آهي. سڀاڻي 9 وڳي ٻڌڻي شروع ڪري ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. جسٽس جمال مندوخيل جو نوٽ حڪمنامي کان اڳ سوشل ميڊيا تي اچي ويو هو احتياط ڪنداسين ته اڳتي اهڙو واقعو نه ٿئي. حڪمران اتحاد جسٽس اعجاز الحسن ۽ جسٽس مظاهر نقوي کي بينچ کان ڌار ڪرڻ ۽ فل ڪورٽ جوڙڻ جي استدعا ڪئي هئي. ٿيو هه فيبروري تي پاڻمرادي نوٽيس تي ٻڌڻيءَ جو لکت ۾ حڪم به جاري ڪيو ويو آهي. تحريري حڪمنامي ۾ 4 ججز جسٽس مندوخيل، جسٽس منصور، جسٽس يحيٰ ۽ جسٽس اطهر من الله جا نوٽ شامل. جسٽس منصور علي شاهه پنهنجي نوٽ ۾ چيو آهي ته ٻن سينيئر ججز کي بينچ ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي، عدليه تي عوام جي اعتماد لاءِ ضروري آهي ته ان جي شفافيت برقرار رهي. جسٽس اطهر من الله پنهنجي نوٽ ۾ لکيو آهي ته چيف جسٽس جو اوپن ڪورٽ ۾ ڏنل آرڊر تحريري آرڊر سان مطابقت نه ٿو رکي. صوبائي اسيمبليون ٽوڙڻ جي آئيني ۽ قانوني حيثيت کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي. جسٽس اطهر من الله سوال اٿاريو ته ڇا صوبائي اسيمبليون جمهوريت جي آئيني اصولن کي لتاڙيندي ٽوڙيون ويون؟ ڪنهن ٻئي معاملي کي ڏسڻ کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جي آئيني ۽ قانوني حيثيت ڏسڻ اٿئي آهي

بقايا 04

هائوس ۽ زينب مارڪيٽ سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ ڪاروبار نه ڪليو. لياقت آباد، نيو ڪراچي، ڪيماڙي ۽ ٻين علائقن ۾ جزوي طور ڪاروبار بند رهيو. لاڙڪاڻو، ڏهرڪي، ڪڙيو گهنور، ڪشمور، ٺارو شاهه، شادي لارج، ميرو خان ۾ شٽربند هڙتال ڪئي وئي آهي. دادو، جام صاحب، اوباوڙو، پان سيد آباد، باڊهه، ٽنڊو محمد خان، ٺل، مورو، فيض گنج ۾ شٽربند هڙتال ڪئي وئي آهيا ڪري چوڏگي، قاضي احمد، ڪنري، سڃاول، قمبر، چمبڙ، دڙو، پنگريو، وارهه، سٽ ميل، نئون ديرو ۾ به شٽربند هڙتال ڪئي وئي. ڪاروبار بند رهيس. احتجاجن ۾ شهري به شامل ٿي ويا. ٺارو شاهه، ملياڻي، چاچڙو، مورو ۾ شٽربند هڙتال، سٽ ميل، فيض گنج سميت مختلف شهرن ۾ ريليون ڪڍيون ويون. سانگهڙ، ميهڙ، جوهي، سڪرنڊ ۾ جزوي هڙتال رهي، ڪنڊيارو، اڪري چوڏگي ۾ ڪاروبار ڪليل آهي

بقايا 05

۾ بڌايو ويو آهي ته شاهه محمود قريشي، اسد عمر ۽ اعظم سواتي سميت 9 اڳواڻن کي 30 ڏينهن جي لاءِ مينٽيننس آف پبلڪ آرڊر (ايم پي او) جي تحت نظر بند ڪيو ويو آهي. پنجاب حڪومت جي وڪيل لاهور هاءِ ڪورٽ کي ٻڌايو آهي ته پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ 77 ماڻهن کي نظر بند ڪيو ويو آهي. ڊپٽي ڪمشنر لاهور نظربندي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 06

تي ٻڌڻي ڪئي. اڳوڻي ايس ايس پي راٿو انوار نقيب الله ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ مان بريت کان پوءِ پنهنجو نالو اي سي ايل مان ڪيرائڻ جي لاءِ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪيو آهي. ٻڌڻي دوران عدالت چيو ته وڪيل موجب راٿو انوار جي خلاف جيڪو ڪيس هو اهو هاڻ ختم ٿي چڪو آهي ۽ راٿو انوار ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گهربل به نه آهي. عدالت درخواست تي مختصر ٻڌڻي کان پوءِ گهرو وزارت سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ياد رهي ته راٿو انوار جو نالو نقيب الله محسود قتل ڪيس ۾ اي سي ايل ۾ وڌو ويو هو. ٽرائل ڪورٽ هن ڪيس ۾ راٿو انوار کي بري ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 07

ڪيو ويو رمنا ٿاڻي جي جاچ آفيسر پراسيڪيوٽر ۽ امجد شعيب جي ليگل ٽيم به عدالت ۾ پيش ٿي. پراسيڪيوشن طرفان امجد شعيب جي 7 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي آهي. پوليس ذريعن موجب اسلام آباد ۾ رمنا ٿاڻي جي پوليس ليفٽيننٽ جنرل (ر) امجد شعيب کي سندس گهر مان گرفتار ڪيو ليفٽيننٽ جنرل (ر) امجد شعيب تي عوام کي ادارن ۽ حڪومت خلاف ڀڙڪائڻ جي ڏوهن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ليفٽيننٽ جنرل (ر) امجد شعيب تي ايف آءِ آر مئجسٽريٽ اويس خان جي مدعيت ۾ داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا 08

ڪئي. ان موقعي تي ميمبر سنڌ اسيمبلي سيد ذوالفقار شاهه ۽ مير طارق ٽالپر پڻ موجود هئا ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر جي ضلعي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين ميرپورخاص ڊويزن ۾ هاءِ ڪورٽ بينچ جو افتتاح ڪرڻ تي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جا ٿورا مڃيا. وڪيلن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ قانوني صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ پيپلز پارٽي جي مقامي قيادت جا خاص ٿورا مڃيا. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڳالهه ٻولهه ۾ چيو ته هن بينچ جي قيام جو پراڻو مطالبو پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت پورو ڪيو آهي. پيپلز پارٽي هميشه قانون جي سر بلندي جي لاءِ ڪوششون ڪيون آهن ۽ آئين جو احترام ڪيو آهي.

بقايا 09

جي دهشتگردن خلاف ڪارروائي ۾ سپاهي عمران الله ۽ سپاهي افضل خان شهيد ٿي ويا آهن. ڪارروائي دوران 2 دهشتگرد پڻ مارجي ويا جڏهن ته 2 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد پڻ هٿ ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر موجب مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز جي خلاف ڪارروائين ۽ معصوم شهرين کي قتل ڪرڻ ۾ ملوث هئا. سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ سپاهي عمران الله، سپاهي افضل خان بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي، علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 10

سرڪاري مشينري، نيوٽرلز ۽ اليڪشن ڪميشن جي گٺجوڙ باوجود عوام پي ٽي آءِ کي سپارو ڪيو. پي ٽي آءِ جي ڪاميابي سان پي ڊي ايم ۽ سندس سرپرست خوف ۾ ولجي ويا آهن

بقايا 11

عدالتن جون بينچون ٺاهڻ جون ڳالهيون پيا ڪن، بينچ ٺاهڻ چيف جسٽس جو اختيار آهي. عدليه جيڪو به فيصلو ڪندي اسان کي قبول هوندو. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي شيخ رشيد چيو ته راجنپور ۾ ننڍي چونڊ جي نتيجن مان خبر پئجي وئي آهي ته حڪمرانن جا سياسي تابوت نڪرڻ وارا آهن. هن چيو ته آءِ ايم ايف جي جيل ۾ پاڪستان کي ڊيٿ زون بڻايو ويو آهي. پاڪستان کي هٿ وٺي نقصان پهچايو پيو وڃي

بقايا 12

ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. رٽائرڊ جنرل امجد شعيب خلاف رمنا ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرڻ بعد ڪيس گرفتار ڪيو ويو. ايف آءِ آر موجب هڪ ٽي وي شو دوران تجزيا نگار امجد شعيب سرڪاري ملازمن کي سنڌن فرض

سرانجام نه ڏيڻ لاءِ ڀڙڪايو. هن چيو ته سياڻي ڪان ڪير به آفيسز ۾ نه ويندو ته حڪومت سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ويندي امجد شعيب جي وڪيل چيو ته امجد شعيب رڳو مثبت تنقيد ڪئي آهي. سندس خلاف سياسي بنيادن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. سندس خلاف داخل ڪيس ختم ڪري ڪيس آزاد ڪيو وڃي

بقايا 13

ٻيهر ٽوڙي ڇڏيندا. اسيمبليون بحال ڪرڻ لاءِ آئين ختم ڪرڻو پوندو اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته ٻنهي صوبن جي وڏن وزيرن آئين موجب اسيمبليون ٽوڙيون آهن چيو ته اسيمبليون بحال ڪرڻ جو مطلب چيف منسٽر جي اختيارن وارو آرٽيڪل ختم ڪرڻ آهي. چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف جو هڪ ئي مطالبو آهي ته عام چونڊون ڪرايو ۽ هن حڪومت مان عوام جي جند ڇڏايو. آئين ۽ قانون موجب ئي مطالبو ڪري رهيا آهيون

بقايا 14

ڪان اڳ تارازيءَ جا ٻئي پاسا برابر ڪيا وڃن. ساهيوال ۾ ن ليگ جي ورڪرز ڪنوينشن سان خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته اڳ ۾ ٻه ڏوهه نواز شريف کي سان ٿيل زيادتين جو ازالو ڪيو وڃي. اڳ ۾ سسيلين مافيا ۽ گاڊ فادر جا الزام واپس ورتا پوندا، پوءِ چونڊون ٿينديون. سندس موجب نواز شريف کي گاڊ فادر چيو ويو، پٽ کان پگهار وٺڻ تي کڏيو ويو. اهو ڪهڙو ملڪ ۾ انصاف ڪري؟ عمران خان تي تنقيد ڪندي چيائين ته اڳ ۾ گهڙي چور انصاف جي ڪٺهڙي ۾ بيهندو پوءِ چونڊون ٿينديون. اولاد لڪائڻ جهڙو ڪوڙ پاڪستان جي ڪنهن وزيراعظم قوم سان نه ڳالهايو. نواز شريف جي ڏيءُ ته توهان جي سامهون آهي، عمران خان جي ڌيءُ ڪٿي آهي؟ مريم نواز وڌيڪ چيو ته عمران خان کي اڄ به جنرل رٽائرڊ فيض حميد جي باقيات بچائي رهي آهي، بابا رحمت اڄ به عدليه ۾ پنهنجي لاڏلي ججن کان ڪم وٺي رهيو آهي. چونڊون ٿا گهرو ته اسيمبليون ٽوڙيو ڇو ٿا؟

بقايا 15

آءِ اڳواڻن قومي اسيمبلي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان ملاقات ڪئي. پي ٽي آءِ وفد ۾ عامر ڊوگر، ڪنول شوزب، ساجده بيگم، عامر ڪياني، عاصمه حديد، امجد نيازي، ظل هما، شوڪت علي ڀٽي، فيض الله، خرم شهزاد ۽ طاهر صادق شامل هئا. قومي اسيمبلي جي جاري ڪيل پڌرنامي موجب ملاقات ۾ استعيفائن جي منظوري تي ڳالهه ٿي پي ٽي آءِ وفد استعيفائن جي منظوري جا ڪاغذ واپس وٺڻ جي اپيل ڪئي. قومي اسيمبلي اسپيڪر جواب ڏنو ته قانون ۽ آئين ۽ قومي اسيمبلي جي ضابطن تحت استعيفائون منظور ڪري چڪو آهيان، هر هر خط موڪلڻ باوجود پي ٽي آءِ جو ڪو ميمبر حاضر نه ٿيو. اسد قيصر ۽ عامر ڊوگر جي سربراهي ۾ آيل وفد ڪانهن استعيفائون قبول ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو هو هن چيو ته اسد قيصر جي سربراهي ۾ آيل وفد استعيفائون منظور ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي. مان آئين، قانون ۽ قومي اسيمبلي جي ضابطي جو پابند آهيان، ڇا ميمبرن استعيفائون پنهنجي مرضيءَ موجب نه ڏنيون هيون؟

بقايا 16

نواز چنا کي اغوا ڪيس. هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٽرڪ ڪلينر نازڪ حسين زخمي ٿي پيو واقعي واري هنڌ پهتل پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پوليس اهلڪار روشن الدين جکراڻي شهيد ٿي ويو. ڌاڙيل ٽرڪ ڊرائيور ربنواز چنا کي ڇڏي پڇي ريا پوليس جي جوڻ آهي ته ڌاڙيلن ۽ ڏوهارين کي بخش نه ڪيو ويندو. شهيد روشن الدين جکراڻي جي شهادت جو پلاند ڪنداسين. مقابلي دوران هڪ مغوي کي بازياب ڪرايو ويو آهي. ڪچي ۾ به آپريشن جاري رهندو

بقايا 17

هڪ بيان ۾ شيري رحمان چيو ته بئنچ ۾ شامل ججن تي پاڻمرادي نوٽيس ۽ اسيمبليون ٽوڙڻ تي اعتراض اٿاريا آهن. هن مطالبو ڪيو ته اعليٰ عدالت فل ڪورٽ بئنچ جوڙي عدليا ۾ رهياست ۽ "هر خيال بئنچ" جو تاثر ختم ڪري. سندس چوڻ هو ته آرٽيڪل 63 جي تشريح تي به فل ڪورٽ بئنچ جو جائز مطالبو رد ڪيو ويو هو. ان فيصلي سبب هڪ جماعت کي فائدو ٿيو ۽ عدالت ۾ پراهست ڪليل نمونو سامهون اچي وئي. هڪ ڀيرو ٻيهر معزز عدليا کي پنهنجو ورهايل ۽ تڪراري تاثر ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 18

شادي تقريب ۾ شرڪت لاءِ صادق آباد ويجهو گهرايو ويو هو. مغوين جي وارثن موجب ڌاڙيلن فون ڪري هڪ ڪروڙ روپيا پڻ گهريو آهي پنجاب پوليس جوجوڻ آهي ته اغوا ڪرڻ

وارو اهو انداز سنڌ جي ڌاڙيلن جو آهي. گهوٽڪي ۽ ڪشمور ضلعن ۾ ڌاڙيل مختلف ڏنا ڏئي ماڻهن کي گهرائڻ بعد اغوا ڪن ٿا

بقايا 19

جو ڀرپور اعتراف ڪندي صحافين جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار اطلاعات واري سيڪريٽري نديم ميمڻ ڪراچي پريس ڪلب جي دوري جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي سيڪريٽري اطلاعات سنڌ کي ڪراچي پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن ۽ پريس ڪلب جي ميمبرن پليڪارڊ ڪيو ويس اطلاعات وارو سيڪريٽري پريس ڪلب ۾ موجود صحافي وٽ ويو ۽ انهن کان حال احوال دريافت ڪيس. ان موقعي تي ڪابينا جي ميمبرن ۽ گورننگ باڊي ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي ميمبرن سان ڳالهائيندي اطلاعات واري سيڪريٽري نديم ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي پريس ڪلب جي ميمبرن جي رهائشي منصوبن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهي آهي. هن چيو ته ڪراچي پريس ڪلب جي جمهوري، صحافتي ۽ انساني حقن جي جدوجهد جي تاريخ ڪراچي پريس ڪلب کي ملڪ ۾ منفرد مقام ڏياريو آهي. هن چيو ته اطلاعات کاتو صحافين ۽ سنڌ حڪومت جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو ته اطلاعات کاتي جي ڪوشش آهي ته صحافين لاءِ طبي مالي مدد، رهائشي پلاٽ ۽ ڪلب جي مسئلن جي حوالي سان هر ممڪن سهڪار ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي چيو ته ڪراچي پريس ڪلب ۽ صحافين جو هميشه اطلاعات کاتي سان گهرو رشتو رهيو آهي ۽ اسان کي اميد آهي ته اطلاعات کاتو ڪراچي پريس ڪلب جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪندو. سعيد سربازي، هن چيو ته ڪراچي پريس ڪلب جمهوري حقن، صحافت جي آزادي ۽ انساني حقن جي جنگ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. ان موقعي تي ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي، سيڪريٽري شعيب احمد، جوائنٽ سيڪريٽري اسلم خان، گورننگ باڊي ميمبر فاروق سميع، ذوالفقار راجپر، شمس ڪيريو ۽ ذوالفقار واهوچو سنڌ جو اطلاعات سيڪريٽري نديم ميمڻ ۽ سنڌ جي اطلاعات کاتي جو ڊائريڪٽر ايڊمن محمد يوسف ڪابورو ۽ ڊائريڪٽر پريس انفارميشن حسن اصغر نقوي کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. بعد ۾ نديم ميمڻ کي ڪراچي پريس ڪلب جي مختلف شعبن جو دورو پڻ ڪرايو ويو

بقايا 20

انڄاتل هنڌ منتقل ڪيو ويو. سنڌس خلاف ڌمڪين ڏيڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو، ٻڌايو پيو وڃي ته پوليس گرفتاري ظاهر ناهي ڪئي، ڪيس داخل ڪرڻ بعد ان کي ظاهر ڪيو ويندو گستا ضلعي صدر جي اير ابڙو ۽ ڌمڪين واري مبينا آڊيو وائرل ٿي هئي. گستا ضلعي صدر جي اير ابڙو جي مبينا گرفتاري خلاف ماستريائين ۽ شاگرديائين پاران ريلي ڪڍي وئي ۽ مختلف اسڪولن جي ماستريائين ۽ شاگرديائين پاران ريلي ڪڍي وئي، پوليس خلاف جي نعريبازي ڪئي وئي، ماستريائين ۽ شاگرديائين جو چوڻ هو ته گستا ضلعي صدر جي اير ابڙو جي گرفتاري جي مذمت ڪريون ٿا، ڪيس بنا دير آزاد ڪيو وڃي شاگرديائين ۽ ماستريائين جو چوڻ هو ته جي اير ابڙو استادن ۽ شاگرديائين جي هر مسئلي تي ڀرپور آواز اٿاريو، ڪيس انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي

بقايا 21

، جڏهن غريبن جي گهرن ۾ اونڌو ڏسندو هو ۽ اميرن جي گهرن ۾ روشني هوندي هئي ته جالب ان تي نظم لکندو هو، اٽو، بجلي ناهي مهانگائي آهي، اڄ ملڪ جي هر کنڊ ۾ جالب جو آواز گونجي پيو. ملڪي عدالتن ۽ ججن تي الزمن جي پرمارلڳل آهي، آمرن جي خوشنودي خاطر عدالتن ۽ ججن انصاف ڪرڻ بجاءِ فيصلا ٻڌايا، جالب چيو هو ته ملڪ جا منصف به قيدي آهن اهي عوام کي ڪهڙو انصاف ڏيندا، خدا جي واسطي ملڪ کي سلامت رهڻ ڏيو. اسان ڪشمير کي مقبوضه چوندي پاڻ ئي مقبوضه بڻجي ويا آهيون. فنڪشنل ليگ اڳواڻ سردار رحيم خطاب ڪندي چيو ته حبيب جالب شاعري ذريعي سماج ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، اڄ جون حڪومتون عوام مخالف ٿي بيٺيون آهن. جالب جو جنم ٿيندو ته عوام جا هٿ حاڪمن جي ڳچي ۾ هوندا. حورالنساء پليجو چيو ته حبيب جالب وڏو شاعر هيو، هن پنهنجي شاعري وسيلي عوام جي ڏکن دردن جي ترجماني ڪئي، هارين، مزدورن مظلومن محڪومن جي حقن جي ڳالهه ڪئي، هن جي نظمن حاڪمن جي محلاتن کي لوڏي ڇڏيو

بقايا 22

گذارن جا مسئلا ترجيحي بنياد تي حل ڪيا ويندا آهن. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته عوام کي ريليف ڏيڻ جي مثاثر انفرااسٽرڪچر کي تيزي سان بحال ڪيو پيو وڃي. مڪاني واري وزير چيو آهي ته 400 کان وڌيڪ روڊن جو تعميراتي ڪم تيزي سان جاري آهي. مڪاني کاتي جي اعليٰ آفيسرن کي هدايتون ڏنيون آهن ته ڪم ۾ سست روي کي برداشت نه ڪيو ويندو ان سان گڏ معياري ڪم ڪرڻ وارن ٺيڪيدارن کي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو هن هدايتون جاري ڪيون ته سمورا ڪم معيار کي برقرار رکندي مقرر وقت تي مڪمل ڪيا وڃن. مڪاني وارو وزير علي هائوس ۾ اچڻ وارن مختلف وفدن سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئا ان موقعي تي هن چيو ته عوامي مسئلن لاءِ آفيس سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ علي هائوس ۾ درخواست گذارن جي آمد جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا 23

روانو ٿي ويو آهي. شاهه چيو آهي ته حڪمران سنڌ جي وڏي قرلت ڪئي. ٻوڏ متاثرن لاءِ آيل پرڏيهي فنڊ به هڙپ ڪيا ويا آهن. هن چيو ته سيهڻ: عوام ڳائي ٽوڙ مهانگائي سبب سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهي. سکر کان سيهڻ تائين عوام پاران ڀرپور موٽ ڏني موجوده حڪمرانن سان نفرت جو اظهار ڪير آهي

بقايا 24

ڪمري مان گرفتار ڪري ورتوسي ٿي ڊي آفيسر ني نيو ڪراچي مان بن شهرين کي اغوا ڪري وارثن کان ڀڃڻ طلب ڪرڻ جا الزام آهن پوليس جو چوڻ آهي ته شعيب قريشي ضمانت رد ٿيڻ بعد فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس گرفتار ڪيو ويو

بقايا 25

رهائشگاهه تي ملاقات ڪري ملڪ ۽ سنڌ جي موجوده صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي اياز لطيف پليجي چيو ته نواز ليگ ۽ وزيراعظم شهباز شريف سنڌ جي اهم مسئلن تي ڌيان ڏين. سنڌ سان پاڻي، وسيلن ۽ آدمشماري جي مسئلن تي زيادتي پئي ٿي، زرداري مافيا ۽ سنڌ حڪومت کي اين شاهه، وارهه، بدين، دادو، ميرپورخاص سميت سڄي سنڌ کي هٿ وٺي ٻوڙي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، نااهل ڪرپٽ وزيرن ۽ وڏيرن پنهنجون ٻنيون بچائڻ لاءِ سر نالن، شاخن ۽ واهن کي ڪٽ هڻي شهرن ۽ ڳوٺن کي ٻوڙي لکين ماڻهن کي دربدر ڪري ڇڏيو. خوشحال سنڌ جا ماڻهو دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهن هن چيو ته ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ لکين غير قانوني پرڏيهي رهن ٿا، اهي پرڏيهي سنڌ جي وسيلن تي بار آهن، روزگار تي قابض آهن. سيد شاهه محمد شاهه چيو ته مريم نواز جلد سنڌ جو دورو ڪندي. مسلم ليگ نواز جمهوريت ۾ يقين رکي ٿي، عمران نيازي ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. نواز شريف هن ملڪ بچائي سگهي ٿو، عمران خان جي جيل ڀريو تحريڪ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي.

بقايا 26

آهنائي جي اختيارن جو چوڻ آهي ته ريسڪيو آپريشن دوران 81 ڄڻن کي بچايو ويو آهي، اختيارن موجب پيڙيءَ ۾ پاڪستانين سميت 200 کان مٿي سوار هئا اختيارن موجب ٻيڙي اونڌي ٿيڻ ڪانهوءِ 30 ڄڻا ٻچا به گر آهن. حادثي جو شڪار ٿيل ٻيڙي ترڪيه کان غيرقانوني طور اٽلي ۾ داخل ٿي رهي هئي وزيراعظم شهباز شريف پاران ٻيڙي حادثي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو. پنهنجي ٽوئيٽ ۾ وزيراعظم چيو ته اٽلي ۾ ٻه درجن کان وڌيڪ پاڪستانين سميت ماڻهن جي ٻڏي وڃڻ واري خبر ڳڻتيءَ جوڳي آهي. وزيراعظم شهباز شريف پرڏيهي آفيس کي انگ اکر گڏ ڪرڻ ۽ قوم کي آگاهه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي

بقايا 27

ٽي وي ڪيمرائن جون بيٽريون، فائبر ڪيبل ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا. ايف آءِ آر موجب چوري ٿيل سامان جي ماليت 9 لک 82 هزار رپيا آهي. گلبرگ پوليس پهچي واقعن جا 2 مختلف ڪيس داخل ڪيا آهن. پوليس موجب جوابدارن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي.

بقايا 28

ڪهڙي ضرورت پئجي وئي آهي. اهڙو اظهار هن ڪراچي ۾ مختلف هنڌن تي قومي ڪارڪنن سان ڳالهائيندي ڪيو نواز خان زئور وڌيڪ چيو ته سنڌي قوم هن معاملي تي جدوجهد جي ميدان تي اچي، حڪمران جون غلط پاليسيون سنڌي قوم کي نقصان ڏئي رهيو آهن ٻئي طرف ميرپوربٺورو ۾ جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان صادق فقير جي اڏين هين ورسي جي موقعي تي

سنڌ هائوس تي ميڻ بتيون ٻاري تصوير اڳيان گل رکي پيتا پيش ڪئي وئي.

بقايا 29

ڪندڙ گاڏين جي مالڪن کان ٽيڪس وصولي جي مهم پوري صوبي ۾ جاري آهي. هي مهم 13 فيبروري کان شروع ڪئي وئي آهي جيڪا 10 مارچ تائين جاري رهندي. تفصيل جي موجب پوري صوبي ۾ 29.842 گاڏيون چيڪ ڪيون ويون. مختلف سببن جي ڪري 2139 گاڏيون قبضي ۾ جڏهن ته 2489 جا ڪاغذ ضبط ڪيا ويا. روڊ چيڪنگ مهم جي دوران گڏيل طور تي 3 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ ٽيڪس وصول ڪيو ويو آهي. ڪراچي ۾ 9046، حيدرآباد ۾ 9218، سکر ۾ 3509، ميرپورخاص ۾ 4066، لاڙڪاڻي ۾ 2662 ۽ شهيد بينظير آباد ۾ 1341 گاڏيون چيڪ ڪيون ويون. صوبائي وزير آبڪاري ۽ محصولات، انسداد منشيات، پارلياماني معاملا ۽ خوراڪ مڪيش ڪمار چاولا پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته ٽيڪس نه ادا ڪندڙ گاڏين جي مالڪن کان ٽيڪس وصولي جي مهم 10 مارچ تائين جاري رهندي. هن روڊ چيڪنگ مهم جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪندي ٽيڪس نه ادا ڪندڙ گاڏين جي مالڪن کي هدايت ڪئي ته ڪنهن به ناخوشگوار صورتحال کان بچڻ لاءِ پنهنجا ٽيڪس فوري جمع ڪرائين. مڪيش ڪمار چاولا خبردار ڪيو ته بغير نمبر پليٽس، فينسي پليٽ، اپلائيڊ فار رجسٽريشن ۽ اوپن ليٽر تي هلندڙ وارين گاڏيون ضبط ڪيون وينديون.

بقايا 30

لاڙڪاڻي پريس ڪلب ۾ سيمينار ڪرايو ويو سيمينار ۾ اڳواڻن چيو ته ايم ڪيو ايم جي فرمائش تي ٿيندڙ وقت کان اڳ سازشي ڊجيٽل آدمشماري سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش آهي. ملڪ جي حڪمران سامراجي قوتن کي فائدو پهچائڻ لاءِ سازشي آدمشماري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيڪو سنڌ جي ماڻهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي نائب صدر ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر، ڀارڙن جو ماهر ڊاڪٽر سنڌ سائنٽفڪ سوسائٽي جي باني سرجن ڊاڪٽر سڪندر مغل، سنڌيائي تحريڪ جي اڳواڻ ماهه نور ملاح، سول سوسائٽي اڳواڻ ڊاڪٽر ذوالفقار راهوجو، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري اسماعيل خاصخيلي ۽ ٻين سيمينار کي خطاب ڪندي چيو ته ٻوڏ سبب اڄا به ڪيترن ئي ڳوٺن جا شهرن سان رابطا ٽٽل آهن. انهن برسات ۽ ٻوڏ متاثر ڳوٺن جي ماڻهن جي ڳڻپ ڪيئن ٿي سگهندي؟ هنن چيو ته ڊجيٽل آدمشماري ذريعي پرڏيهين کي سنڌ جو شهري ڳڻي سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪئي پئي وڃي ۽ وقت کان اڳ ڪرايل ڊجيٽل آدمشماري جي ڪا به قانوني حيثيت ناهي. ڊجيٽل آدمشماري ذريعي آمريڪي سامراج سنڌ ۾ نئون اسرائيل ناهي رهيو آهي ان ڪري وفاقي حڪومت اليڪشن ڪرائڻ جي آئيني ذميواري کان پڇي غيرقانوني ڊجيٽيل آدمشماري جي ذريعي جا پئسا ضايع ڪري رهي آهي. سنڌن چوڻ هو ته سنڌ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي ملڪ مان نيڪالي ڏيڻ لاءِ سپريم ڪورٽ حڪم ڏئي چڪي آهي تنهن هوندي به ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي سنڌين کي اقليت ۾ ڏيکارڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. هنن چيو ته ٻوڏ سبب سڄي سنڌ، بلوچستان ۽ سرائيڪي وسيب تباهه ٿي ويا آهن. گهر ڊهڻ سبب ڪروڙين ماڻهو بي گهر آهن. پوءِ گهرن ڳڻڻ جي گهر شماري ڪيئن ٿيندي؟

بقايا 31

خيالن جو اظهار هن سنڌ اسيمبلي ميڊيا ڪارنر تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو. هن چيو ته قانون سڀني لاءِ هڪ آهي، ڪوئي به قانون کان مٿاهون نه آهي. هن چيو ته لائسنس يافته هٿيار گڏ ڪٿي سگهجي ٿو پر ڪو به ان جي نمائش نٿو ڪري سگهي ۽ هٿيار جي نمائش سان شهرين کي خوف ۾ مبتلا ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عمران خان جي ٽائيگرز کي سٺي پيشڪش ڪئي آهي، هو پنهنجي جيل ڀريو تحريڪ جي تهوار کي سنڌ ۾ به سٺي طريقي سان ملهائين. کين پڪ اينڊ ڊراپ سروس پڻ فراهم ڪئي ويندي. هن چيو ته پي ٽي آئي جي ايم پي ايز پارليمينٽرين نالا لڪرائين، جيڪڏهن اسان کي نالا نٿا ڏيڻ چاهين ته ميڊيا کي ٻڌائين. هن چيو ته عمران خان مايوسي جو شڪار ٿي چڪو آهي. سنڌ ۾ هڪ به شخص ناهي جيڪو هن جي اعلان تي لبيڪ چئي. صوبائي وزير چيو ته عمران خان پاڻ کي عالمي اڳواڻ سمجهي ٿو ۽ برطانيه ۽ پوري دنيا ۾ هن جا وڏا فالوورز ۽ مداح آهن ان لاءِ جيل ڀريو تحريڪ جي هڪ شروعات برطانيه مان به ڪري. هن چيو ته اتي جيل ڀريو تحريڪ جي شروعات پنهنجي گهر کان شروع ڪري ۽ پنهنجي ٽنهي ٻارن کي جيل ڀريو تحريڪ لاءِ اڳتي آڻي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ صوبائي وزير چيو ته پاڪستان جي عظيم اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جنهن ملڪ کي آئين ڏنو ۽ ملڪ کي جوهري طاقت ڏني، ان جو عدالتي قتل ڪيو ويو. هن چيو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ان عدالتي قتل تي سپريم ڪورٽ ۾ ريفرنس داخل ڪيو پر سپريم ڪورٽ آف پاڪستان وٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي انصاف ڏيڻ لاءِ وقت ناهي. جڏهن ته ٽنين نٽدن معاملن تي فوري طور تي سوموٽو ورتو وڃي ٿو ۽ ان جي روزانو جي بنياد تي ٻڌڻي ٿئي ٿي. هن چيو ته لاڏلن کي جتي جتي ريليف ڏيڻو هوندو آهي ته عدالتون رات 12 وڳي ۽ آچر جي ڏينهن به کلي وينديون آهن. جنهن ۾ ڪجهه ماڻهو مصروف آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جوڊيشل ايڪٽوزم جو سڀ کان وڌيڪ شڪار بڻي آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عدالت جي فيصلن تي تنقيد ضرور ڪئي آهي پر ڪڏهن عدالتن کي نشانو ناهي بڻايو. هن چيو ته ان طرح ملڪ ناهن هلندا. هي ملڪ ۾ الارمنگ صورتحال آهي. ڊيجيٽل آدم شماري جي سوال تي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت هر ان قدم جي حمايت ڪندي، جنهن جي تحت آدم شماري جي عمل کي شفاف طريقي سان يقيني بڻايو وڃي ۽ ان معاملي تي ڪنهن سان به سياسي اختلاف ناهن. ٻئي پاسي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ملڪ کي آئين ڏيندڙ جو ڪيس ٻڌڻ لاءِ عدالتن وٽ وقت نه آهي. پر ڏاڏلي کي سنڌس مرضي موجب سهولت ڏني پئي وڃي، قانون کان مٿاهون ڪير به نه آهي، سڀ برابر آهن. عمران خان مايوسي جو شڪار ٿي ويو آهي، عمران خان کي صلاح آهي ته برطانيا ۾ به جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري. جيل ڀريو تحريڪ وارا نالا لڪرائن. کين پڪ اينڊ ڊراپ جي سهولت ڏني ويندي. سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هٿيارن جي نمائش ۽ اڻ رجسٽرڊ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. ايس او پيز جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 32

چيف جسٽس عمر عطا بنديال، جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس منيب اختر، جسٽس جمال خان مندوخيل ۽ جسٽس محمد علي مظهر شامل آهن. چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته 4 ججز بينچ کان ڌار ٿي چڪا آهن. آئين جي تشريح لاءِ باقي بينچ ٻڌڻي جاري رکندي، اسان کي سڀاڻي هر صورت ۾ ڪيس کي مڪمل ڪرڻو آهي. سڀاڻي 9 وڳي ٻڌڻي شروع ڪري ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. جسٽس جمال مندوخيل جو نوٽ حڪمنامي کان اڳ سوشل ميڊيا تي اچي ويو هو احتياط ڪنداسين ته اڳتي اهڙو واقعو نه ٿئي. حڪمران اتحاد جسٽس اعجاز الحسن ۽ جسٽس مظاهر نقوي کي بينچ کان ڌار ڪرڻ ۽ فل ڪورٽ جوڙڻ جي استدعا ڪئي هئي. ٿيو هه فيبروري تي پاڻمرادي نوٽيس تي ٻڌڻيءَ جو لکت ۾ حڪم به جاري ڪيو ويو آهي. تحريري حڪمنامي ۾ 4 ججز جسٽس مندوخيل، جسٽس منصور، جسٽس يحيٰ ۽ جسٽس اطهر من الله جا نوٽ شامل. جسٽس منصور علي شاهه پنهنجي نوٽ ۾ چيو آهي ته ٻن سينيئر ججز کي بينچ ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي، عدليه تي عوام جي اعتماد لاءِ ضروري آهي ته ان جي شفافيت برقرار رهي. جسٽس اطهر من الله پنهنجي نوٽ ۾ لکيو آهي ته چيف جسٽس جو اوپن ڪورٽ ۾ ڏنل آرڊر تحريري آرڊر سان مطابقت نه ٿو رکي. صوبائي اسيمبليون ٽوڙڻ جي آئيني ۽ قانوني حيثيت کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي. جسٽس اطهر من الله سوال اٿاريو ته ڇا صوبائي اسيمبليون جمهوريت جي آئيني اصولن کي لتاڙيندي ٽوڙيون ويون؟ ڪنهن ٻئي معاملي کي ڏسڻ کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جي آئيني ۽ قانوني حيثيت ڏسڻ اٿئي آهي

بقايا 33

سرڪاري مشينري، نيوٽرلز ۽ اليڪشن ڪميشن جي گٺجوڙ باوجود عوام پي ٽي آءِ کي سپارو ڪيو. پي ٽي آءِ جي ڪاميابي سان پي ڊي ايم ۽ سندس سرپرست خوف ۾ ولجي ويا آهن

بقايا — سنڌيار — 01

ويندي گهر جون 6 پليٽون به کڻي وئي ڪجھ ڏينهن پهريان رسول بخش تگڙ جي ٽيوبيل جون به 53 پليٽون پوليس کڻي وئي هئي تفصيل موجب پڊعيدن پوليس جي بد مست ايچ او منير لاڙڪ خلاف ڳوٺ احسان نانگرج ۽ سالار تگڙ تي چڙهائي خلاف ڳوٺاڻن جو سخت احتجاج ميڊيا سان ڳالهائيندي محمود نانگراج خير محمد ناگراج علي شير ناگراج مسرور تگڙ صدام تگڙ منور تگڙ فياض ڏانگراچ غلام سرورنانگراج ۽ ٻين چيوت ايس ايچ او منير لاڙڪ ظلم جي انتها ڪري ڇڏي بلا جواز اسان جي گهرن ۾ گهڙي پچ ٻاھ ڪئي ۽ گهرن مان پيتيون پچي الہ تلہ ٻهاري ويو ويندي ويندي اسان جي گهرن جو ن 14 سولر پليٽون کڻي ويو ۽ سالار تگڙ جو به سامان کڻي ويو ڪجھ ڏينهن پهريان تگڙن تي به ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي هئي ۽ اساجي ٻن نوجوانن کي اغوا ڪري کڻي ويو جن تي وري ملياڻي پوليس وٽ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي آهي اسان جو چيف جسٽس آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آ ايس ايس پي نوشهرو فيروز ۽ ٻين وس وارن کي اپيل تا ڪريون فورن ايس ايچ او ميڊعيدن خلاف قدم کڻي اسان جو کڻي ويل گهر مان پئسا سونا زيور پليٽون واپس ڪرائيون وجن بي صورت ۾ اسان نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسين ڪجھ به ٿيو ان جي ذميوار پڊعيدن پوليس هوندي

بقايا — سنڌيار — 02

ميبنا اغوا ٿي وئي هئي ان جي اغوا جو الزام مون تي مڙهي زبردستي جرڳو ڪيو ويو آهي. پورهيت علي گل ڪوڪر ۽ مسمات افروز ڪوڪر ۽ پنهنجن ٻارڙن سان گڏ پريس ڪانفرنس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 3 مهينا اڳ نينگري تبسم ڏيپر پنهنجي ذات واري نوجوان فراز ڏيپر سان شادي ڪرڻ لاءِ گهر ڇڏي وئي هئي، جيڪا وري پنهنجي والدين وٽ واپس گهر پهتي، جنهن بعد نينگري جي وارثن احتجاج ڪيو نينگري جا مائٽ ديدار، گڏو، ذوالفقار، سليم ڏيپر وارا جيڪي جنن چوائي فراڊ ڪندڙ ماڻهو آهن اسان کي مسلسل بليڪ ميل ڪري نينگري جي اغوا جي سهولتڪاري جو الزام مڙهي زبردستي جرڳو ڪري وڏي رقم پراڻڻ چاهين ٿا، هنن چيو ته نينگري 3 پيرا پنهنجي گهر مان ٻاهر نڪري چڪي آهي، اسان کي هن غلط ۽ بي بنياد الزام مان آجو ڪرايو وڃي اسان نينگري جي اغوا يا ورغلائڻ ۾ ملوث نه آهيون هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪندي چيو ته اسان کي ان فراڊي قسم جي ماڻهن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 03

حافظ مظهر دين گلال اسد علي چنا ۽ ٻين دستارن کي ور ڏنا نوان ٽيل حافظن ۾ برڪت علي سهتو حافظ عمران چنا حافظ وسيم ميمڻ حافظ سيد آصف علي شاھ ۽ حافظ نعيم چنا شامل آهن حافظن جو استاد مظهر دين گلال هيرپروگرام جا خاص مهمان دوست علي سڪندري درگاه پير جو ڳوٺ مفتي محمد اسماعيل سڪندري نوشهروفيروز مفتي محمد يونس مهر گهوٽڪي جن هٿاپروگرام کي القاري رجاءِ ايوب آفريڪاالقاري اساما فضالي مصر ۽ القاري حامد الغدود مصر جن ملڙي ۽ پياري آواز سان تلاوت ڪلام پاڪ پڙهي پنڊال ۾ ويٺلن جون دليون منور ڪري ڇڏيون جڏهن ته ڪمپيئرنگ جا فرائض مفتي عرفان سڪندري راجپر ادا ڪيا

بقايا — سنڌيار — 04

گروپ انشورنس، بينيوئل فنڊ، پينشن ۾ 10 سيڪڙو واڌ. صحت ڪارڊ جاري ڪيا وڃن. هنن چيو ته مهانگائي جي دور ۾ رٽائرڊ ملازمن کي وڏا مسئلا در پيش آهن. حڪومت پاران اعلانيل پئڪيج جلد ڏنو وڃي

بقايا — سنڌيار — 05

بدين جي چيئرمني ۽ مخصوص سيٽن تان بدين ضلع جي سياسي گهراڻي هاليپوٽا برادران ۾ اختلاف چوٽ چڙهي ويا ماتلي جي ايم پي اي ڏاڏا محمد هاليپوٽو ۽ سنڌس ست ضلع ڪائونسل بدين جي اڳوڻي چيئرمين علي اصغر هاليپوٽو وچ ۾ ضلع جي چيئرمين جي سيٽ ۽ مخصوص سيٽن تان شروع ٿيندڙ اختلاف چوٽ چڙهي ويا آهن پ پ پ جي ذريعن موجب ته علي اصغر هاليپوٽو ڏاڏا محمد هاليپوٽو ۽ مرحوم ايم پي اي سردار بشير احمد هاليپوٽو جي پڳدار پٽ سان مشورو ڪرڻ بنا ضلع جو چيئرمين ٿيڻ لاءِ پارٽي اندر لابنگ شروع ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي منهن صوبائي صلاحڪار ارباب لطف ايم اين اي مير غلام علي خان ٽالپر ۽ ايم پي اي تاج محمد ملاح گروپ ۾ شامل ٿي ويو ۽ ان گروپ طرفان پاڻ چيئرمين ۽ پ پ پ ضلع بدين جي جنرل سيڪريٽري سائين بخش جمالي جو پاءُ عطا حسين جمالي جي وائيس چيئرمين انهن طرفان مخصوص سيٽن تي پارٽي کي ڏنل اميدوارن جي نالن جي حمايت ڪري ڇڏي جنهن تا هاليپوٽا برادرا ۾ سخت اختلاف شروع ٿي ويا پ پ پ جي ذريعي موجب ته ارباب لطف الله مير غلام علي خان ٽالپر پ پ پ ضلع بدين جو جنرل سيڪريٽري سائين بخش جمالي ايم پي اي ڏا ڏا محمد هاليپوٽو ۽ سردار هاليپوٽو کي پرچائڻ ۽ علي اصغر هاليپوٽو عطاحسين جمالي جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ سندن ڳوٺ ويا پر ڏاڏاهاليپوٽو ۽ سردار هاليپوٽو اصغر هاليپوٽو ۽ عطا حسين جمالي جي حمايت ڪرڻ کان هنن کي جواب ڏيئي ڇڏيو پ پ جي هڪ ضلعي عهديدار موجب ته بدين ۾ پ پ پ جي سياست ۾ ارباب لطف الله جي مداخلت تي پهرين صرف پ پ پ جا جيالا سخت ناراض آهن پر هاڻ مير غلام علي ٽالپر ۽ تاج محمد ملاح ۽ سائين بخش جمالي کي ڇڏي باقي پ پ پ ضلع بدين جي سموري قيادت ۽ صوبائي وزير اسماعيل راهو صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو ايم پي اي ۽ صلاحڪار ام حبيبا تنزيلا قمبراڻي ايم پي اي ڏاڏا محمد هاليپوٽو معاون خاص پير نور الله قريشي سميت بدين ۽ ماتلي ٽنڊو باگو تلهار گولاڙچي تعلقن ۽ شهرن جي پارٽي تنظيمن پڻ بدين ۾ ارباب لطف الله جي سياسي مداخلت تي سخت ناراضگي ڏيکاري آهي ذريعي موجب ته پيپلز پارٽي ضلع بدين ۾ مقاني ادارن جي چيئرمنن ۽ مخصوص سيٽن تان پيل ڏڦيڙ کي ختم ڪرائڻ لاءِ پارٽي جي اعلي قيادت اڳوڻي صوبائي وزير سهيل انور سيال ۽ ضياءالحسن لنجار کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي جن هنن سيني کي ڪراچي گهرائي هنن سان ميٽنگ ڪئي جتي به ارباب لطف الله مير غلام علي ٽالپر ۽ تاج محمد ملاح ساٿوئين بخش جمالي موقف رکيو ته اسان ماڻهن سان مخصوص سيٽن جي زبان ڪئي آهي ذريعي موجب ته ضياءالحسن لنجار ان تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ته توهان ڪنهن جي اجازت سان ماڻهن سان وعدا ڪيا ۽ چو ماڻهن کي آسرا ڏنا

بقايا — سنڌيار — 06

وٽي خبر موجب ناروشاھ پرسان ڳوٺ شير خان چانڊيو واسي عورت پنجوريه سالا

مسمات بابران چانڊيو ڳوٺ کان سامان وٺڻ لاءِ لوڊر چنگچي رڪشا تي شهر ناروشاه اچي رهي هئي ته سنڌس رٿو چنگنچي رڪشا جي چين ۾ رئو فاسڻ ڪري چنگچي رڪشي تان روڊ تي ڪري پئي جنهنکي زخمي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر نيو ويو جتي زخمن جا تعاب نه سهندي عورت دم ڏئي حوالي ڪيو جڏهن ته اسپتال انتظاميان قانوني ڪهرجون پوريون ڪري مڙھ سندن وارثن حوالي ڪيو مڙھ ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام ميچي ويو علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانجي وئي.

بقايا — سنڌيار — 07

جنجوعه ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي سبب غريب ماڻهو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. ملڪ جي عوام تڙپي رهي آهي ۽ حڪمران ملڪ لٽي عياشيون ڪرڻ ۾ پورا آهن هنن چيو ته ظالم حڪمرانن جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي عوام سجاڳ ٿيي لٽيرن جو گهيرو تنگ ڪري مهانگايي خلاف مارچ ڪندڙ هرن ۾ لڪي ويا آهن انهن مسڪينن ماڻهن کان اٿولٽو اجهو بڻ ڪسي ورتو آهي غريب طبقو هڪ ويلي لاءِ پريشان آهي جڏهن ته وزير مشير ڪامورا ڪروڙين روپين جون مراعتون کڻي ملڪ کي وڏيڪ ڏيواليٽي ڏانهن ڌڪي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 08

روڊ: الفتح چوڪ : سيرت النبي چوڪ : ايوبيه چوڪ : پراڻو بس اسٽاپ شامل آهن جڏهن ته ٻي پاسي تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي ڪارڪنن پير محمد علي جان سرهندي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار — 09

احمد بي اي سي ايچ ايس بلاڪ 2 ۾ علائقي جي معززين سان ملاقات ڪئي علائقي واسين ان موقعي تي ترقياتي ڪم ڪرائڻ تي عملدارن جو شڪريو ادا ڪيو. جڏهن ته ميونسپل سان لاڳاپيل ٻين مسئلن بابت کين آگاهي ڏني. جنهن تي ايڊمنسٽريٽر طرفان يقين ڏياريو ويو ته روڊن جي بهتري سان گڏ ميونسپل جي ٻين مسئلن جي حل لاءِ به قدم کنيا ويندا. هن روڊن جي پختگي جي هلندڙ ڪم جي معائني دوران معيار جو جائزو ورتو ۽ چيو ته معياري ڪم جي تڪميل لاءِ بي ايند آر ڪاتو پنهنجو ڪردار ادا ڪري. اسين چاهيون ٿا ته ترقياتي ڪمن مان عوام کي گهڻي وقت تائين فائدو پهچي، بي اي سي ايچ ايس سميت اوير ضلعي جي هر علائقي ۾ برابري جي بنياد تي ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن. هن چيو ته اوير ضلعي جي بهتري لاءِ موجود وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن. اوير ضلعي کي سهولتن سان آراسته ضلعو بڻائڻ جي ڪوشش آهي.

بقايا — سنڌيار — 10

منڊي. نيو ٽاؤن. چانڊني چوڪ. سرجاني ٽاؤن. صدر. گوليمار. لالو کيت. يونيورسٽي روڊ. گلڊن معيمار. گلزار هجري. سهراب ڳوٺ سميت مختلف علائقن ۾ پيٽرول پمپ. سميت ننڍا وڏا ڪاروبار بند رهيا مذهبي جماعت جي سڏ تي ڪراچي جا اڪثر روڊ رستا به ويران رهيا ٽرانسپورٽ به گهٽ رهي جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ پوليس ۽ رينجرز پاران ڪاروبار کولرائيو ويو

بقايا — سنڌيار — 11

منڊي ڪان پريس ڪلب پهتي ۽ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي جنهن سبب شهر جا سيئي ڪاروباري مرڪز بند رهيا، ريلي جي اڳواڻي سيد خادم حسين شاھ جيلاني حافظ محمد اسد الله ميمڻ، محمد الطاف سيال، حافظ محمد طاهر ميمڻ، محمد ارشاد علي سيال، برڪت علي سيال، راشد پهنيار ۽ ٻين ڪئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته عوام اڳي ئي بک ۽ بدحالي جو شڪار آهي، برسات ۽ ٻوڏ سبب جايون ڊهڻ ۽ فصل تباھ ٿيڻ ڪري دربدر ۽ عذاب واري زندگي گذاري رهيو آهي، پنهنجو پورو پيٽ گذر به نٿو ڪري سگهي ۽ مٿان وري حڪومت جي ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي مٿان مهانگائي سبب پنج رپين واري شيءِ ويه رپيا ۽ تيل جي اگهن ۾ مسلسل واڌ عوام جي چيلھ پچي ڇڏي آهي، حڪمرانن کي ڪو احساس ئي ناهي ۽ نه ئي وري ڪنهن تي ڪو رحم ڪرم. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته هتان جا حڪمران صرف پنهنجي عيش عشرت ۽ عياشي ۾ رڌل آهن ۽ پنهنجي مفادن خاطر ملڪ کي تباھ ڪري ڇڏيو اٿن. ٻاهران مليل امدادي رقم ۽ سامان به غريبن ۽ مسڪينن کي ڪونه ڏنائون ۽ اهو به هڙپ ڪري اوگرائي ڏئي ڇڏيائون. اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته مهانگائي کي پنجو ڏئي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي، ريلي ۾ سياسي، سماجي ادبي ۽ مذهبي اڳواڻن، شهرين، دڪاندارن ۽ آسپاس جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 12

ايڊمنسٽريٽر ضلع ڪونسل ڪراچي نورحسن جوکيو ڳالهائيندي چيو ته علائقن ۾ ترقياتي ڪم وڏي تمام گهڻا ڪرايا ويا آهن اسان عوام جي خدمت ڪندي ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي اسان هميشه مخلصي سان علائقي واسين جي خدمت ڪئي آهي سيئي ڪم عوام جي سامهون آهن هر علائقي ۾ سيوريج پيئڻ جي پاڻي ۽ روڊ رستن جون اسڪيمون ڏنيون آهن عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪندا رهنداسين اسان انسانيت تي يقين رکون ٿا محبت ۽ ڀائيچاري وارو رستو ورتو آهي هر ماڻهو کي عزت ڏيئي پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي

بقايا — سنڌيار — 13

جماعت پاران حڪومت کي تيل جا وڌايل اگهه واپس وٺڻ لاءِ الٽيميٽم ڏنو هو جيڪو وقت گذري وڃڻ ڪانپوءِ پاڪستان جي مذهبي جماعت تحريڪ لبيڪ پاڪستان روڊن تي اچي وئي تحريڪ لبيڪ پاڪستان دادو جي اڳواڻن حافظ راشد حسين رضوي، سعيد احمد، نعمت الله شاهاڻي، سعيد احمد سيال ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سنڌ جي ٻين ضلعن وانگر دادو ۾ به تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي شهر جي مختلف علائقن اسٽيشن روڊ، نيو چونڪ، سئنيما چونڪ، ڪچهري روڊ، ڪاليج روڊ موندر ناڪو مرڪپور جوهي مورو روڊ سميت ريشم گلي، شاهي بازار ۾ شٽربند هڙتال، سبب مڪ علائقن موندر ناڪو جوهي موڙ، مرڪپور، سميت ٻين علائقن ۾ به ڪاروبار مڪمل طور تي بند رهيا جڏهن ته ريلوي اسٽيشن سميت شهر جون ٻيون بازارون بند رهيون تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي مرڪزي سڏ تي واپاري برادري پاران مڪ ڪاروباري بازارون بند ڪيون ويون جڏهن ته واپارين پاران مهانگائي خلاف ميڊيا کي موقف ڏيندي چيو ته غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسي ويو آهي حڪومت کي گهرجي ته مهانگايي تي ڪنٽرول ڪري تيل جي قيمتن ۾ لاٿ آڻي غريب عوام کي رليف ڏنو وڃي هن وقت مهانگائي جو جن بي قابو ٿي ويو آهي موجوده حڪمرانن غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي غريب پورهيت طبقو بن ويلن جي ماني ڪائي نه ٿو سگهي غربت سبب هر روز ماڻهو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن حڪومت اجان به مهانگائي تي ڪنٽرول نه ڪيو ته غريب روز غربت جي چڪي ۾ پيسجندو رهندو ٻئي طرف مهانگائي خلاف دبئي موبائيل مارڪيٽ جي صدر اقبال قريشي، سيد حامد شاھ، محبوب عطاري ۽ ٻين سون جي تعداد ۾ موبائيل مارڪيٽ کان دادو پريس ڪلب تي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو حڪومت کان مطالبو ڪيو ته غريب عوام تي رحم ڪيو وڃي مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي

بقايا — سنڌيار — 14

تقريب ۾ 9 عالمن کي صحيح بخاري شريف 25 حافظن کي قرآن مجيد، 4 طالبن کي ديني درس ڪورس، 7 طالبن کي قرآن مجيد جو ختم ڪرڻ تي انعام ۽ سندون ورهايون ويون. تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته مدرسه ۽ مسجدون اسلام جو مضبوط قلعو آهي. علماءِ انهن قلعن جا محافظ آهن.

بقايا — سنڌيار — 15

ڪار ۾ ڪٿائي شهر جي رورل هيلٿ سينٽر ۾ آندو جتي ڊاڪٽرن کيس ابتدائي طبي امداد ڏيئي نازڪ حالت هجڻ سبب کيس لاڙڪاڻي جي سول اسپتال داخل ڪرائڻ لاءِ روانو ڪري ڇڏيو وارثن ٻڌايو ته زخمي نوجوان ڳوٺ گڏدي جو رهواسي آهي ۽ شهر ۾ ڪير ڪپائي واپس اچي رهيو هيو ته حادثو پيش آيو ٻئي پاسي پوليس اهڙو اطلاع ملڻ بعد واقعي واري هنڌ پهچي ڊرائيور کي سوگهو ڪري وئگن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا — سنڌيار — 16

جو اڳواڻ بابو جمن ڪٽي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جيڪا مامو لاڏو چوڪ ڪان شهر جي مک بازار مان ٿيندي پبلڪ پارڪ پهتي ريلي ۾ شهري اتحاد جي اڳواڻن واپارين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جتي اڳواڻن احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي مهانگائي جي خلاف سٽر بند هڙتال ڪئي وئي آهي ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جي ڪري غريب مسڪين ماڻهو هڪ ويلي جي ماني لاءِ به پريشان آهن، حڪومت پاران روز پيٽرول ۽ تيل جي قيمتن ۾ واڌ ڪري عوام جي مٿان مهانگائي جو بم ڪيرائي ڇڏيو آهي. مهانگائي سبب غريب پورهيت طبقو بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. هنن حڪومت کي مطالبو ڪندي چيو ته مهانگائي کي ختم ڪري ماڻهن کي رليف ڏنو وڃي، S1

بقايا — سنڌيار — 17

ڪي پيو مهينو هلندڙ آهي پر اجان تائين پيٽي ٺيڪيدار ڪم آهستا آهستا پيو ڪري جڏهن ته اوپن نالي جي ڪوٽائي وارو ڪم پڻ بند آهي جنهن جي ڪري ملياڻي روڊ سان گندگي جي ڪري دڪاندارن جا ڪاروبار ٺپ هئي بند ٿي ويو آهي نيڪ نمازي ماڻهو پاڙيسري جا ايندڙ ويندڙ رستي وارا مشڪلاتن جو شڪار آهن پر انتظاميا جي مٿي تي جون به نه ٿي چري آخر هي غريب ۽ مظلوم ماڻهن ڪاڏي وڃن ڪاروبار به تباھ ٿيو ته وري ڊرينيج سسٽم به صحيح نه هجڻ ڪري علائقي واسين سخت پريشان حال ۾ ويٺل اسين ڊي سي نوشهروفيروز کان مطالبو ٿا ڪريون فورن نوٽيس وٺي ڪم جي نگراني ڪئي وڃي ورنا اسين ان کي چتاءُ ٿا ڏنو ته جيڪڏهن ٻن ڏينهن اندر پاڻي نه ڪڍرايو ويو ته ضلعي انتظاميا جي گيٽ آڏو ڌرڻو هڻي ويهي رهنداسين.

بقايا — سنڌيار — 18

زاهدحسين ٻرڙو ۽ ٻين چيو ته وڌندڙ مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي غريب مسڪين مزدور ماڻهون هڪ ويلي جي ٻچڙن کي ماني نٿو ڪارائي نٿو سگهي جڏهن ته حڪمران ڏر پنهنجون عياشيون پوريون ڪرڻ لاءِ هر روز بجلي تيل گيس ۽ عام واهپي جي شيئن تي ٽيڪس لڳائي انهن جي قيمتين ۾ اضافو ڪري رهي آهي هنن مطالبو ڪندي چيو ته جيڪڏهن حڪومت وڌايل ٽيڪسيون واپس نٿي وٺي ته تحريڪ لبيڪ پاڪستان مرڪز طرفان جيڪو لاءِ عمل جوڙيو ويندو اسان ميداني عمل ۾ عوام سان گڏ هونداسين

بقايا — سنڌيار — 19

علي مگريو آپريشن ٿيٽر ۾ اسٽلائيزيشن مشين ۽ ليبارٽري ۾ هيموگلوبن ڪٽ ڏيندي کيوان موقعي تي اي ايم ايس ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي، اي ڊي ايچ او ڊاڪٽر عبدالفتاح راجپر، پوليس سرجن ڊاڪٽر مشتاق علي مهيسر، ڊينٽل سرجن ڊاڪٽر شاهد مصطفيٰ ميمڻ پيراميڊڪس اڳواڻ محمد سعود ٻوهيو، هدايت الله سولنگي، خير محمد سهتو، اشرف قريشي حفيظ الله راجپر منظور علي سولنگي محمد سومر سومرو ۽ ٻيا موجود هئا اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جون اسپتال لاءِ هلندڙ خدمتون قابل تحسين آهن پاڻ هر شعبي تي نظر رکندي وقت بوقت مشينري، انسٽيومينٽس ۽ ضرورت وارو سامان فراهم ڪندو رهيو آهي اڳواڻن چيو ته جيترو ڪم هن سول سرجن جي دور ۾ ٿيو آهي اوترو ماضيءَ ۾ ڪڏهن به نه ٿيو آهي ان جو سبب اهو ته سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ذاتي دلچسپي وٺي ڪم ڪري رهيو آهي ميڊيڪس توڙي پيراميڊڪس ساٿس گڏ بيٺل آهيون ۽ هر قدم تي غريب مريضن جي خدمت ۾ ساٿس ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلنداسين

بقايا — سنڌيار — 20

ڏيڻ بعد ڪائنس پئمنٽ گهري ته هڪ مهيني جي مهلت ورتي ۽ ان دوران منهنجي امڙ ڪان به پنج لک ادارا ورتا هيا جنهن بعد شاهد نويد چالاڪ لکن جا به چيڪ ڏنا چيڪ ڪيش ڪرائڻ لاءِ بينڪ تي ويس ته بينڪ وارن سنڌس اڪائونٽ ۾ رقم نه هجڻ ڪري چيڪ واپس ڏئي ڇڏيا شاهد کي چيڪ ڪيش نه ٿيڻ لاءِ ٻڌايو ته هو لنوائيندو رهيو جنهن ڪانپوءِ رقم جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڊي آءِ جي سکر کي درخواست ڏني جنهن اي ايس پي سٽي کي مامرو حل ڪرڻ لاءِ چيو هو جنهن ٻنهي ڌرين کي گهرائي هر مهيني ڏھ لک روپيا ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو جيڪو شاهد نويد قبول ڪندي رقم چٽڻ قسطن ڏيڻ جو واعدو ڪيو پر ان تان به ڦري ويو آهي ۽ هاڻي رقم گهرڻ تان موتمار ڌمڪيون ڏيئي شاهزمان وڌيڪ ٻڌايو ته شاهد نويد ۽ عارف نويد اسان جا ڪيترن ئي سالن کان ڪرائيدار هجڻ ڪري انهن جي مدد ڪندي پيٽرول پمپ تان اوڌر تي ڊيزل ڏياري هئي شاهه زمان اعلي اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته جوابدار خلاف ڪاروائي ڪرائي رهيل رقم ڏياري انصاف ڏنو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 21

ڪاروائي جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان شروع ڪيو ويو، تلاوت ڪلام پاڪ جو شرف حافظ منثار علي چانڊيو کي حاصل ٿيو. گڏجاڻي ۾ نظم ۽ ضبط، باڊي جو قيام، پريس ۾ ميڊيائي ادارن جو واڌاءَ رپورٽنگ جي ڪارڪردگي ۽ فنانس تي ڳالھ ٻولھ ڪري لاءِ عمل جوڙيو ويو. گڏجاڻي ۾ طالب حسين چانڊيو، سميع الله ٻگهيو، زاهد حسن ٻرڙو، آغا خان چانڊيو، بشير لطيفي، علي محمد بروهي، نديم علي چانڊيو، محمد بخش مرڪنڊ، منثار علي چانڊيو، رجب علي چانڊيو، وحيد سمون شرڪت ڪئي، سمورن دوستن جي راين کان پوءِ متفقه رائي سان ٿي رڪني آرگنائزنگ ڪاميٽي کي ختم ڪيو ويو ۽ مارچ مهيني جي پهرين هفتي ۾ اجلاس گهرائي باڊي جوڙي ويندي، ان کان علاوه اجلاس ۾ رپورٽنگ کي بهتر ڪرڻ ۽ شهري بنيادي مسئلن سميت شهر ۾ ٿيندڙ جلسن جلوسن ۽ احتجاجي مظاهرين کي ڀرپور ڪوريج ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار — 22

ڪيمسٽ سان گڏجي پولٽري پروٽين فيڪٽرين خلاف وڌندڙ عوامي شڪايتن تي ماحولياتي تجزيا ڪيا. ماحولياتي قانون تي عمل نه ڪرڻ تي فيڪٽري مالڪن کي ڊائريڪٽر جنرل سيپا آڏو پيش ڪرڻ جو فيصلو. تفصيل موجب سيپا ٽيم هالاڻي محرابپور روڊ تي الڪرم پولٽري پروٽين ۽ رضا پولٽري پروٽين فيڪٽرين جو معائنو ڪيو ۽ صفائي جا انتظام نه ٿيڻ تي مالڪن کي نوٽيس جاري ڪندي قانون 2014ع موجب سخت ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ عوام کي رليف ڏيو. ياد رهي ته سيپا پاران هالاڻي محرابپور روڊ تي واقع الڪرم پولٽري پروٽين فيڪٽري خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن تي عدالت وڏي ڏنڊ سان فيڪٽري کي بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو ۽ نئون پلانٽ ماحول دوست معيار تي تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ ساڳئي قسم جي ٻين فيڪٽرين کي سيپا ايڪٽ 2014 تحت نوٽيس پڻ جاري ڪيا ويا پر مالڪن جي عدم دلچسپي سبب ماحولياتي آلودگي جو مڪمل خاتمو نه ٿي سگهيو. دوري دوران سيپا ٽيم آسپاس جي ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ کين درپيش ماحولياتي مسئلا پڻ ٻڌا ۽ عوام کي يقين ڏياريو ته (سيپا) ايڪٽ 2014 جي تحت سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا — سنڌيار — 23

گريڊ سنڌ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ سيڪرٽريٽ جي پبلڪ پارڪ گيٽ آڏو علامتي بک هڙتال ڪئمپ تي اڄ ٻئي ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري آهي، مختلف سرڪاري کاتن جا رٽائرڊ ملازمن جو هڪ وڏو انگ علامتي بک هڙتالي ڪئمپ تي موجود هيو مقامي سياسي سماجي ڌرين سميت شهرين گريڊ جي حمايت تي لاءِ ڪئمپ تي پهچي همدردي جو اظهار ۽ حمايت جو يقين ڏياريو ان موقعي تي گريڊ سنڌ جي صدر پروفيسر عبداللطيف راڄپر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان سينئر سٽيزن آهيون، ڪيڏي نه افسوس جي ڳالھ آهي جو اسان کي پنهنجا جائز حق وٺڻ لاءِ به احتجاج ڪرڻو پيو آهي، اسان جي مطالبن ۾ گروپ انشورنس، بينيوئل فنڊ سميت وزيراعظم پاران اعلانيل 10٪ وڌايل پگهار ۽ صحت ڪارڊ شامل آهن، جن جي مڃتا لاءِ اسان ڪافي عرصي کان سراپا احتجاج آهيون ۽ پريس ڪلبن آڏو ڌانهيندا پيا اچون، سنڌ سرڪار جي ڏاڍ ۽ ظلم جي ڪري بيحسي واري زندگي بسر ڪري رهيا آهيون، اعلانيل واڌ جي رقم، بينيوئل فنڊ سميت گروپ انشورنس جا پئسا نه ملڻ سبب اسان پنهنجي خاندانن سميت فاقاڪشي ڪرڻ تي مجبور آهيون، هڪ ته اسان کي انشورنس واري رقم نٿي ڏني جيڪا دوران سروس پگهار مان ملازم جي پگهار مان ڪٽوتي ٿيندي رهي اها اسان جمع رقم آخر ڪنهن جي کيسي ۾ وئي، جڏهن ته ملڪ جي ٻين صوبن وفاق جي اعلانيل واڌ تي عمل ڪن پيا ته آخر سنڌ حڪومت چو بضد آهي ؟ ان موقعي تي گريڊ جا ملازم سابق اي ڊي زراعت ڪاتو نورمحمد ڪهر، پروفيسر محمد شريف رند، ضمير احمد ڏيپر، عبد الرشيد سهتو محمد صديق پنو ڏٽي بخش ڏيپر سميت ٻيا ڪيترائي گريڊ ملازم موجود هيا. هن چيو ته ملڪ جي ٻين صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ مهانگائي جو تناسب وڌيڪ آهي، روزمره استعمال جي ڪاڌي پيتي جي شين سميت دوائن جا اگ چوٽ چڙهيل آهن. ٽرانسپورٽ جا ڀاڙن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو اچي ويو آهي، هن راڪاس مهانگائي واري دور ۾ اسان جي گهرن ۾ فوتگي ٿي وڃي ٿي ته اسان تڏو به نٿا ڪري سگهون. جڏهن ته هر ملازم جي پگهار آهر انشورنس ۽ بينيوئل فنڊ جي مد ۾ ڪٽوتي ٿيندي رهي آهي جيڪي ملازمت پوري ٿيڻ تي انشورنس ڪمپني کي واپس ڪرڻا آهن، هنن چيو ته گريڊ سنڌ پاران اعلانيل ٽن ڏينهن جي علامتي بک هڙتال کي اڄ ٻيو ڏينهن آهي ۽ سڀاڻي ٽيون ۽ آخري ڏينهن تائين جيڪڏهن اسان جا مطالبا پورا نه ڪيا ويا ته اسان آخري آپشن طور سنڌ جا لکين پينشنر گهرن کان ٻاهر نڪري ڪراچي ۾ گڏ ٿي ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪنداسين ۽ اسان جو آواز ملڪ جي اعلي ايوانن سميت بلاول هائوس ۽ سي ايم هائوس ۾ گونجندو.

بقايا — سنڌيار — 24

ڪارڪنن پاران حافظ اعجاز سومرو، اختر ڪچي، حافظ ڏني ڏنو جاکرو، مولانا منظور لغاري، منور ميمڻ، انور ملاح، حافظ هدايت سومرو نظير شاھ سڪندر لاشاري، امين مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بس اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي آهي، ايس ٽي پي جسقم ۽ ٻين ڌرين يڪجهتي طور شرڪت ڪئي، ان موقعي اڳواڻن ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. پيٽرو، ڊيزل ٻين شين جي اگهن ۾ مصنوعي واڌ سبب غريب مزدور طبقو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهي. حڪمران صرف پنهنجا پيٽ ڀرڻ ۾ پورا آهن. ملڪ ۾ جيڪا مهانگائي وڌي ٿي ان جو ٽيڪس صرف غريب ماڻهن جي مٿان لڳايو ٿو وڃي حڪومتي وزير يا امير طبقي جي ماڻهن مٿان ڪو به ٽيڪس ناهي، تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاڪستاني عوام لاءِ روڊن تي آهي جلد مکس آچار حڪومت جو خاتمون ٿيندو، ملڪي صورتحال ايتري نازڪ ٿي چڪي آهي ملڪ جي معيشت تي ڌاڙو هندڙ حڪمران ملڪ مان ڪرپشن ڪري ملڪي پيس ٻحروني ملڪ موڪلي رهيا آهي، هي ملڪ آئي ايم ايف جو غلام بڻجي ويو آهي جيئن هو چئي ٿو تيئن غريب عوام بم ڪيرايا ٿا وڃن اسان هاڻي ملڪ ۾ عوامي طاقت سان تبديلي ڏسڻ ٿا چاهيون.

بقايا — سنڌيار — 25

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري علي رضا چنا سان گڏ اي سيڪشن ٿاڻي تي پريس ڪانفرنس ڪندي ڪئي، ان موقعي تي ڊي ايس پي سٽي حبيب الرحمان لاشاري ٻڌايو ته ايس ايس پي امير سعود مگسي جي هدايتن تي هڪ ٽيم جوڙي وئي جنهن ۾ مون سميت اي سيڪشن ٿاڻي جو ايس ايچ او، سي آئي اي پوليس، آئي ٽي سميت ٻين ڊيپارٽمينٽ جي ٽيمون شامل هيون جن جوابدارن کي ٽريس ڪري پنهل خان چانڊيو ٿاڻي جي حد محمد عرس مگسي کان پندرهن لک روپيا ۽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان مان منور وڪيل ڪان ٽيه لک ڦريا هئا جنهن ۾ هي گروه ملوث هئو ان گروه مان ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي باقي ٻين جوابدارن کي به جلد گرفتار ڪري سنڌس رهيل رقم به برآمد ڪئي ويندي، جڏهن ته وڪيل اڳواڻ علي رضا چنا ميڊيا کي ٻڌايو ته اسين ايس ايس پي امير سعود مگسي سميت سموري ٽيم جا شڪر گذار آهيون جن جي محنتن ۽ ڪاوشن سان ڏوھ ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان رقم برآمد ڪري ڏني آهي ۽ آخر ۾ وڪيل برادري ان ڪامياب ڪاروائي تي ڊي ايس پي سٽي حبيب الرحمان لاشاري سميت سموري ٽيم کي گلن جا هار پارائي شڪريو ادا ڪيو...

بقايا — سنڌيار — 26

مارڪيٽ، ڪرياڻه مارڪيٽ سميت ڪاروهنوار ٺپ رهيو، تحريڪ لبيڪ پاڪستان نئون ديرو جا اڳواڻ عبدالخالق کهڙو، مولانا اسد الله پنهو ۽ ٻيا شهر اندر گشت ڪندا رهيا، ۽ واپاري طبقي کي لائوڊ اسپيڪرن ذريعي هڙتال کي ڪامياب بڻائڻ جون اپيلون ڪندا رهيا، هنن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اسان جي هڙتال جو مقصد عوام کي مهانگائي جي عذاب کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ آهي. ان ڪري عوام جو اسان سان ساٿ آهي، هنن چيو ته ملڪ جو عوام حڪمرانن جي ڪرپشن ۽ نااهلي جي ڪري معاشي بدحالي جي ور چڙهي ويو آهي. مهانگائي سبب غريب ۽ پورهيت طبقو بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهي ۽ اهو هنن جو نصيب هرگز ناهي اسان تحريڪ لبيڪ جي پليٽ فارم تان ملڪ ۾ رهندڙ غريب عوام جو آواز بڻجندا رهنداسين جنهن ۾ عوام جو ساٿ اسان سان گڏ آهي اسان پنهنجي قائد ملت حافظ محمد حسن رضوي بن خادم حسين رضوي جي ڪال ته نئون ديرو شهر ۾ به شٽر ڊائون هڙتال ڪري وفاق ۾ ويٺل حڪمرانن خلاف اعلان جنگ ڪيو آ اساجي تيستائين هنن سان جنگ جاري رهندي جيستائين ملڪ مان مهانگائي کي ختم ڪري غريب عوام کي رليف نه ڏنو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 27

اڪرام شرڪت ڪئي هن پروگرام جي خصوصي نشست جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو ۽ نعت و منقبت کان بعد خصوصي مهمانن ۽ برانچز کان آيل عهديدارن کي ضلعي صدر خليفا منير احمد عباسي طاهر آجيانو پيش ڪيو ان کان بعد خصوصي ليڪچر ٿيا جنهن ۾ صحت جي موضوع تي ڊاڪٽر امان الله عباسي تمام بهترين معلومات احسن طريقي تي مشتمل ليڪچر ڏنو ۽ صحت ۽ صفائي جا خاص پهلو ۽ احتياطي تدابيرن کان جماعت کي آگاهي ڏني، آمد رمضان ۽ تصوف تي خصوصي ليڪچر مولانا سعيد احمد بروهي طاهري جن روزي جي اهميت ۽ فضيلت ۽ تصوف جا اهم جزا تمام سهڻي نموني تفصيل سان وضاحت ڪيا روحاني طلبا جماعت جي دعوت قاري فضل الدين بروهي طاهري ڏني آخر ۾ دعائيا ڪلمات قبلا خليفا سائين نعمت الله قريشي طاهري پروگرام جو اختتام ڪيو

بقايا — سنڌيار — 28

الهيجايو جاڙو، اسدالله رستماڻي، انور عباسي، غلام قادر پنهور، عبدالرزاق، عبدالرحيم بڪاري، غلام علي خاصخيلي، جام سهيل سمون، جاويد اقبال ڪورائي ۽ عوامي تحريڪ اڳواڻن لڪاڏنو خاصخيلي، ستو ڪولهي ۽ ٻين بک هڙتالي ڪئمپ تي اچي ملازمن جي حمايت ڪئي انهي موقعي تي "آ حق اسان جو گروپ انشورنس" وڙهي به وٺبو گروپ انشورنس" "توکي ڏيڻو پوندو گروپ انشورنس" رٽائرڊ ملازمن کي بينوئل فنڊ ڏيو مهانگائي سبب پينشن وڌايو ۽ صحت ڪارڊ ڏيو جا نعرا هنيا ويا اڳواڻن ڪئمپ تي خطاب ڪندي چيو ته رٽائرڊ ملازمن جا پگهارن مان ڪٽيل گروپ انشورنس جا پنهنجا پيسا عدالتي حڪم باوجود سنڌ حڪومت نٿي ڏي ۽ هن مهانگائي جي دور ۾ پينشرن جي پينشن نٿي وڌائي وڃي جڏهن ته وزيراعظم پاران وڌايل 10 سيڪڙو پينشن ٻين صوبن کي ڏنا ويا آهن پر سنڌ حڪومت ان تي به عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن وڌيڪ چيو ته بينيوئل فنڊ، صحت ڪارڊ ڏنا وڃن هنن واضح ڪيو آهي ته گريڊ سنڌ 3 ڏينهن سڄي سنڌ ۾ بک هڙتال جي ڪال ڏني آهي جنهن ڪانپوءِ ڪراچيءَ ۾ ڌرڻو هنيو ويندو جنهن ۾ ٽنڊو باگو جا سوين رٽائرڊ ملازم شرڪت ڪندا ۽ پنهنجا حق چني وٺندا.

بقايا — سنڌيار — 29

لبيڪ ضلعي سڪرو هڙي صالح پٽ جي ڪارڪنن بشراج روڊ واري علائقي مان احتجاجي ريلي ڪڍي سڪرو پريس ڪلب ٻاهران مظاهرو ڪيو. مظاهرين کي خطاب ڪندي ٽي ايل پي سڪرو ڊويزنل ناظم مولانا محمد عبدالولي ضلعي ناظم مولانا عرض محمد پنهوءَ ٻين جو چوڻ هو ته گذريل پنجهتر سالن کان حڪمران سياسي اشرافيا ملڪ کي لٽيو آهي عوام جي ٽيڪس وارن پئسن مان دوبئي لنڊن آمريڪا سميت ٻين ملڪ ۽ پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ بنگلا ۽ محل ناهيا آهن پر عوام اڄ به بن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهي حڪمرانن جي عياشين سبب ملڪ مقروض ٿي ويو آهي پيٽرول مصنوعات سميت عام استعمال ۽ واهپي شين ۾ ايترو اضافو ٿيو آهي جو خريدڻ وس ۾ ناهي رهيو اڳواڻن حڪمرانن کان مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن مهانگائي ختم نه ٿا ڪري سگهو ته استعيفائون ڏئي هليا وڃو ملڪ کي آءِ ايم ايف ۽ آمريڪا جي رحم ڪرم تي نه ڇڏيو

بقايا — سنڌيار — 30

پئي وڃي جيڪا ڊجيٽل ذريعن کي استعمال ڪندي ڪئي ويندي. واضع رهي ته موجود وفاقي حڪومت سنڌ ۾ آدمشماري بابت اڳوڻي عمراني سرڪار جي فيصلي کي برقرار رکندي آدمشماري ڪرائي پئي. عوامي تحريڪ سمجهي ٿي هي ڊجيٽل آدمشماري ملڪي آئين کي پاسيرو ڪري سنڌ جي وڏن شهرن ڪراچي، حيدرآباد جو امن تباه ڪندڙ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد ٽولي جي فرمائش تي ڪرائي پئي وڃي جيڪا ملڪ جي آئين جي سنگين توهين آهي. هي آدمشماري ملڪي آئين سان مذاق آهي. قانون جي ابتڙ آهي. 2017 کان پوءِ ته ملڪي آئين. قانون ۽ گڏيل قومن جي آدمشماري بابت اصولن موجب آدمشماري 2027 ۾ ٿيڻ گهربي هئي پر پيپلزپارٽي جي سرڪار، مسلم ليگ نواز ۽ ٻيون وفاقي حڪومت جون اتحادي جماعتون اقتدار خاطر، ڪرسي خاطر ملڪ دشمن سازشي آدمشماري ڪرائي نام نهاد جمهوري دور ۾ آئين. قانون ٽوڙي رهيون آهن جيڪو ملڪ جو عوام ڪڏهن به برداشت نه ڪندو هڪ طرف هي آدمشماري پنهنجي مقرر وقت کان اڳ ڪرائي پئي وڃي ٻيو ته هن وقت سنڌ سميت بلوچستان، سرائيڪي وسيب جا ڪيترائي علائقا 2022 جي برساتي ٻوڏ سبب تباھ ٿي چڪا آهن ملڪ جا ڪروڙين ماڻهو دربدر آهن. لکين گهر ڊهي پٽ ٿي چڪا آهن. گهر سرڪاري انگن اکرن موجب رڳو سنڌ ۾ 21 لک گهر تباھ آهن. سوا ڪروڙ ماڻهو بي گهر ٿيا آهن انهن ڪروڙين ماڻهن جي بحالي جو ڪم ٿي ناهي ٿيو چاڪاڻ ته ٻوڏ متاثرن جي بحالي جا پئسا اين ڊي ايم اي ۽ پيپلز پارٽي پاڻ ۾ ورهائي وندي ڪاڻا جنهن ڪري ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺهرائڻ لاءِ ڪجھ به نه مليو جنهن سبب ڪروڙين ماڻهو اڃان تائين بي گهر آهن. ان صورتحال ۾ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته آدمشماري ڪرائي وڃي. اسين سمجهون ٿا ته هي ملڪ دشمن قوتن جي حڪمن تحت وقت کان اڳ سنڌ دشمن سازشي آدمشماري ڪرائي. هن شازشي آدمشماري ذريعي سنڌ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ لکين افغانين سميت سمورن غير ملڪين کي قانوني تحفظ ڏنو ويندو. اسين مطالبو ٿا ڪيون ته هي وقت کان اڳ ڊجيٽل آدمشماري روڪرائي آدمشماري لاءِ مختص ڪيل 35 ارب روپيا سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن جي بي پهچ ماڻهن جي بحالي تي خرچ ڪيا وڃن. ملڪ جي اعلي عدالت ڪراچي بدامني ڪيس ۾ پنهنجو هڪ تفصيلي فيصلو ڏنو هو جنهن ۾ سپريم ڪورٽ اهو حڪم جاري ڪيو هيو ته سنڌ جي شهر ڪراچي ۾ غيرقانوني طور آباد 40 لک کان وڌيڪ غير ملڪين کي 2018 جي اليڪشن کان اڳ نيڪالي ڏني وڃي. پر بدقسمتي سان 6 سالن کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود به ان فيصلي تي عمل ناهي ٿيو عوامي تحريڪ مطالبو ٿي ڪري ته سنڌ ۾ آباد لکين غير ملڪين کي ملڪ نيڪالي ڏئي پوءِ 2027 ۾ پنهنجي مقرر وقت تي ڊيجيوري طريقيڪار تحت صاف ۽ شفاف آدمشماري ڪرائي وڃي. اسين وقت کان اڳ هن غير قانوني ڊجيٽل آدمشماري کي مڪمل رد ڪيون ٿا. عوامي تحريڪ ان ڏس ۾ 12 فيبروري تي ڪراچي ۾ هزارين ماڻهن جو مارچ ڪيو جنهن ۾ سنڌيائيون وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيون. ان سان گڏ 26 فيبروري تي لاڙڪاڻي پريس ڪلب ۾ پڻ سيمينار ڪيو ويو هو ۽ (28 فيبروري) تي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ "ڊجيٽل آدمشماري ذريعي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ بند ڪريو" جي عنوان سان سيمينار ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 31

لبيڪ جي قائد سعد رضوي جي حڪم تي سموري ملڪ ۾ شٽر بند هڙتال ۽ پر امن مظاهرن جو اعلان ڪيو هو جنهن تي اسان نوشهرو فيروز ضلعي ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي آهي هڙتال اسان ملڪ جي غريب مسڪين عوام خاطر ڪئي چو ته هنن ظالم حڪمرانن غريبن کان ۾ ماني ڪائڻ به کسي ورتي آهي ته هڪ ويلو به غريب ماني کائڻ لاءِ پريشان آهن اسان کي قائد حڪم ڪندو ته ملڪ جا روڊ رستا بند ڪري ڇڏينداسين حڪومت چتاءُ ٿا ڏيون ته فورن تيل جا اگهه گهٽائي مني بجيٽ ۾ لڳائيل ٽيڪس ختم ڪري ورنه حڪومت خلاف سخت احتجاج ڪنداسين اهو حڪمرانن جي طابوط ۾ آخري ڪوڪو هوندو

بقايا — سنڌيار — 32

هوٽلن تي روزگار لاءِ ويو آهيان پر ڪٿي به روزگار نه پيو ملي روزگار جي تلاش ۾ سکر آيو آهيان هن هوٽل مالڪن ۽ مختلف ڪمپنين جي آفيسرن سميت ضلعي انتظاميا کي روزگار فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 33

ته ٿرپارڪر ۾ تعليم کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ضروري آهي. جنهن جي لاءِ ٿرپارڪر جي ڏورانهن وارن علائقن جي اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا ڪي وڌايو وڃي. هن تعليم جي آفيسرن کي هدايت ڪندي چيو ته ٿرپارڪر ضلعي جي چئن تعلقن ڪلوئي، ڊيپلو، چاچرو ۽ ڏاهلي ۾ اسڪول نه ايندڙ ٻارن جي متعلق رپورٽ ڏني وڃي ته ڪيترا ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنن کي هدايت ڪئي ته ٿرپارڪر جي بند پيل اسڪولن سميت ڪمزور بلڊنگ وارن اسڪولن جي تفصيلي رپورٽ تيار ڪري هڪ هفتي ۾ ڏني وڃي. ته جيئن انهي حوالي سان سيڪريٽري تعليم سنڌ سان ڳالهائي انهن کي بهتر بڻايو وڃي. هن چيو ته گرمين جي موسم ۾ اسڪولن جي ٽائيم تي ڏيان ڏيڻ جي ضرورت آهي چاڪاڻ ته ٿرپارڪر ۾ زياده گرمي ٿيڻ سبب هيٽ اسٽروڪ جي ڪيسن کان بچي سگهجي. اسڪول ٽائيم صبح جو جو سويل هجڻ سان گڏ 12 بجي تائين موڪل ٿيڻ گهرجي. ضرورت پوڻ سان شام واري ٽائيم ۾ اسڪول هلايا وڃن. انهي حوالي سان پروپوزل تيار ڪري جلدي ڏنو وڃي ته تعليم کاتي سنڌ سان ڳالھ ٻولھ ڪئي وڃي. ان موقعي تي چيف مانيٽرنگ آفيسر ٿرپارڪر راجيش ڪمار اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي چيو ته ٿرپارڪر ۾ ٽوٽل 3997 اسڪول آهن. جن مان 3660 پرائمري، 248 مڊل، 40 ايليمينٽري، 41 سيڪنڊري ۽ 08 هائير سيڪنڊري اسڪول موجود آهن. اسڪولن ۾ ٽوٽل 178587 ٻار داخل آهن جنهن ۾ 120569 ڇوڪرا ۽ 58018 ڇوڪريون شامل آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته هن وقت ٿرپارڪر ۾ 2131 پرائمري ۽ 932 جونئر اسڪول استاد پرتي ٿيا آهن هن چيو ته ٿرپارڪر ۾ تعليم جي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي لاءِ استادن کي هارڊ شپ الائونس ڏيڻ جي ضرورت آهي. ان سان گڏوگڏ هيڊ ماسترن کي سروس رولز مطابق ٽريننگ ڏني وڃي جنهن سان تعليم ۾ وڌيڪ بهتري اچي سگهي ٿي. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٿرپارڪر سار جاويد ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر تو سنجي ڪمار، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ٿرپارڪر شمس الدين راڻو، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري محمد بچل هاليپوٽو، اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقه ايجوڪيشن آفيسرن سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 34

ويندي گهر جون 6 پليٽون به کڻي وئي ڪجھ ڏينهن پهريان رسول بخش تگڙ جي ٽيوبيل جون به 53 پليٽون پوليس کڻي وئي هئي تفصيل موجب پڊعيدن پوليس جي بد مست ايچ او منير لاڙڪ خلاف ڳوٺ احسان نانگرج ۽ سالار تگڙ تي چڙهائي خلاف ڳوٺاڻن جو سخت احتجاج ميڊيا سان ڳالهائيندي محمود نانگراج خير محمد ناگراج علي شير ناگراج مسرور تگڙ صدام تگڙ منور تگڙ فياض ڏانگراچ غلام سرورنانگراج ۽ ٻين چيوت ايس ايچ او منير لاڙڪ ظلم جي انتها ڪري ڇڏي بلا جواز اسان جي گهرن ۾ گهڙي پچ ٻاھ ڪئي ۽ گهرن مان پيتيون پچي الہ تلہ ٻهاري ويو ويندي ويندي اسان جي گهرن جو ن 14 سولر پليٽون کڻي ويو ۽ سالار تگڙ جو به سامان کڻي ويو ڪجھ ڏينهن پهريان تگڙن تي به ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي هئي ۽ اساجي ٻن نوجوانن کي اغوا ڪري کڻي ويو جن تي وري ملياڻي پوليس وٽ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي آهي اسان جو چيف جسٽس آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آ ايس ايس پي نوشهرو فيروز ۽ ٻين وس وارن کي اپيل تا ڪريون فورن ايس ايچ او ميڊعيدن خلاف قدم کڻي اسان جو کڻي ويل گهر مان پئسا سونا زيور پليٽون واپس ڪرائيون وجن بي صورت ۾ اسان نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسين ڪجھ به ٿيو ان جي ذميوار پڊعيدن پوليس هوندي

بقايا — سنڌيار — 35

ميبنا اغوا ٿي وئي هئي ان جي اغوا جو الزام مون تي مڙهي زبردستي جرڳو ڪيو ويو آهي. پورهيت علي گل ڪوڪر ۽ مسمات افروز ڪوڪر ۽ پنهنجن ٻارڙن سان گڏ پريس ڪانفرنس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 3 مهينا اڳ نينگري تبسم ڏيپر پنهنجي ذات واري نوجوان فراز ڏيپر سان شادي ڪرڻ لاءِ گهر ڇڏي وئي هئي، جيڪا وري پنهنجي والدين وٽ واپس گهر پهتي، جنهن بعد نينگري جي وارثن احتجاج ڪيو نينگري جا مائٽ ديدار، گڏو، ذوالفقار، سليم ڏيپر وارا جيڪي جنن چوائي فراڊ ڪندڙ ماڻهو آهن اسان کي مسلسل بليڪ ميل ڪري نينگري جي اغوا جي سهولتڪاري جو الزام مڙهي زبردستي جرڳو ڪري وڏي رقم پراڻڻ چاهين ٿا، هنن چيو ته نينگري 3 پيرا پنهنجي گهر مان ٻاهر نڪري چڪي آهي، اسان کي هن غلط ۽ بي بنياد الزام مان آجو ڪرايو وڃي اسان نينگري جي اغوا يا ورغلائڻ ۾ ملوث نه آهيون هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪندي چيو ته اسان کي ان فراڊي قسم جي ماڻهن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 36

بدين جي چيئرمني ۽ مخصوص سيٽن تان بدين ضلع جي سياسي گهراڻي هاليپوٽا برادران ۾ اختلاف چوٽ چڙهي ويا ماتلي جي ايم پي اي ڏاڏا محمد هاليپوٽو ۽ سنڌس ست ضلع ڪائونسل بدين جي اڳوڻي چيئرمين علي اصغر هاليپوٽو وچ ۾ ضلع جي چيئرمين جي سيٽ ۽ مخصوص سيٽن تان شروع ٿيندڙ اختلاف چوٽ چڙهي ويا آهن پ پ پ جي ذريعن موجب ته علي اصغر هاليپوٽو ڏاڏا محمد هاليپوٽو ۽ مرحوم ايم پي اي سردار بشير احمد هاليپوٽو جي پڳدار پٽ سان مشورو ڪرڻ بنا ضلع جو چيئرمين ٿيڻ لاءِ پارٽي اندر لابنگ شروع ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي منهن صوبائي صلاحڪار ارباب لطف ايم اين اي مير غلام علي خان ٽالپر ۽ ايم پي اي تاج محمد ملاح گروپ ۾ شامل ٿي ويو ۽ ان گروپ طرفان پاڻ چيئرمين ۽ پ پ پ ضلع بدين جي جنرل سيڪريٽري سائين بخش جمالي جو پاءُ عطا حسين جمالي جي وائيس چيئرمين انهن طرفان مخصوص سيٽن تي پارٽي کي ڏنل اميدوارن جي نالن جي حمايت ڪري ڇڏي جنهن تا هاليپوٽا برادرا ۾ سخت اختلاف شروع ٿي ويا پ پ پ جي ذريعي موجب ته ارباب لطف الله مير غلام علي خان ٽالپر پ پ پ ضلع بدين جو جنرل سيڪريٽري سائين بخش جمالي ايم پي اي ڏا ڏا محمد هاليپوٽو ۽ سردار هاليپوٽو کي پرچائڻ ۽ علي اصغر هاليپوٽو عطاحسين جمالي جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ سندن ڳوٺ ويا پر ڏاڏاهاليپوٽو ۽ سردار هاليپوٽو اصغر هاليپوٽو ۽ عطا حسين جمالي جي حمايت ڪرڻ کان هنن کي جواب ڏيئي ڇڏيو پ پ جي هڪ ضلعي عهديدار موجب ته بدين ۾ پ پ پ جي سياست ۾ ارباب لطف الله جي مداخلت تي پهرين صرف پ پ پ جا جيالا سخت ناراض آهن پر هاڻ مير غلام علي ٽالپر ۽ تاج محمد ملاح ۽ سائين بخش جمالي کي ڇڏي باقي پ پ پ ضلع بدين جي سموري قيادت ۽ صوبائي وزير اسماعيل راهو صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو ايم پي اي ۽ صلاحڪار ام حبيبا تنزيلا قمبراڻي ايم پي اي ڏاڏا محمد هاليپوٽو معاون خاص پير نور الله قريشي سميت بدين ۽ ماتلي ٽنڊو باگو تلهار گولاڙچي تعلقن ۽ شهرن جي پارٽي تنظيمن پڻ بدين ۾ ارباب لطف الله جي سياسي مداخلت تي سخت ناراضگي ڏيکاري آهي ذريعي موجب ته پيپلز پارٽي ضلع بدين ۾ مقاني ادارن جي چيئرمنن ۽ مخصوص سيٽن تان پيل ڏڦيڙ کي ختم ڪرائڻ لاءِ پارٽي جي اعلي قيادت اڳوڻي صوبائي وزير سهيل انور سيال ۽ ضياءالحسن لنجار کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي جن هنن سيني کي ڪراچي گهرائي هنن سان ميٽنگ ڪئي جتي به ارباب لطف الله مير غلام علي ٽالپر ۽ تاج محمد ملاح ساٿوئين بخش جمالي موقف رکيو ته اسان ماڻهن سان مخصوص سيٽن جي زبان ڪئي آهي ذريعي موجب ته ضياءالحسن لنجار ان تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ته توهان ڪنهن جي اجازت سان ماڻهن سان وعدا ڪيا ۽ چو ماڻهن کي آسرا ڏنا

بقايا — سنڌيار — 37

وٽي خبر موجب ناروشاھ پرسان ڳوٺ شير خان چانڊيو واسي عورت پنجوريه سالا مسمات بابران چانڊيو ڳوٺ کان سامان وٺڻ لاءِ لوڊر چنگچي رڪشا تي شهر ناروشاه اچي رهي هئي ته سنڌس رٿو چنگنچي رڪشا جي چين ۾ رئو فاسڻ ڪري چنگچي رڪشي تان روڊ تي ڪري پئي جنهنکي زخمي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر نيو ويو جتي زخمن جا تعاب نه سهندي عورت دم ڏئي حوالي ڪيو جڏهن ته اسپتال انتظاميان قانوني ڪهرجون پوريون ڪري مڙھ سندن وارثن حوالي ڪيو مڙھ ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام ميچي ويو علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانجي وئي.

بقايا — سنڌيار — 38

احمد بي اي سي ايچ ايس بلاڪ 2 ۾ علائقي جي معززين سان ملاقات ڪئي علائقي واسين ان موقعي تي ترقياتي ڪم ڪرائڻ تي عملدارن جو شڪريو ادا ڪيو. جڏهن ته ميونسپل سان لاڳاپيل ٻين مسئلن بابت کين آگاهي ڏني. جنهن تي ايڊمنسٽريٽر طرفان يقين ڏياريو ويو ته روڊن جي بهتري سان گڏ ميونسپل جي ٻين مسئلن جي حل لاءِ به قدم کنيا ويندا. هن روڊن جي پختگي جي هلندڙ ڪم جي معائني دوران معيار جو جائزو ورتو ۽ چيو ته معياري ڪم جي تڪميل لاءِ بي ايند آر ڪاتو پنهنجو ڪردار ادا ڪري. اسين چاهيون ٿا ته ترقياتي ڪمن مان عوام کي گهڻي وقت تائين فائدو پهچي، بي اي سي ايچ ايس سميت اوير ضلعي جي هر علائقي ۾ برابري جي بنياد تي ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن. هن چيو ته اوير ضلعي جي بهتري لاءِ موجود وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن. اوير ضلعي کي سهولتن سان آراسته ضلعو بڻائڻ جي ڪوشش آهي.

بقايا — سنڌيار — 39

منڊي ڪان پريس ڪلب پهتي ۽ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي جنهن سبب شهر جا سيئي ڪاروباري مرڪز بند رهيا، ريلي جي اڳواڻي سيد خادم حسين شاھ جيلاني حافظ محمد اسد الله ميمڻ، محمد الطاف سيال، حافظ محمد طاهر ميمڻ، محمد ارشاد علي سيال، برڪت علي سيال، راشد پهنيار ۽ ٻين ڪئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته عوام اڳي ئي بک ۽ بدحالي جو شڪار آهي، برسات ۽ ٻوڏ سبب جايون ڊهڻ ۽ فصل تباھ ٿيڻ ڪري دربدر ۽ عذاب واري زندگي گذاري رهيو آهي، پنهنجو پورو پيٽ گذر به نٿو ڪري سگهي ۽ مٿان وري حڪومت جي ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي مٿان مهانگائي سبب پنج رپين واري شيءِ ويه رپيا ۽ تيل جي اگهن ۾ مسلسل واڌ عوام جي چيلھ پچي ڇڏي آهي، حڪمرانن کي ڪو احساس ئي ناهي ۽ نه ئي وري ڪنهن تي ڪو رحم ڪرم. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته هتان جا حڪمران صرف پنهنجي عيش عشرت ۽ عياشي ۾ رڌل آهن ۽ پنهنجي مفادن خاطر ملڪ کي تباھ ڪري ڇڏيو اٿن. ٻاهران مليل امدادي رقم ۽ سامان به غريبن ۽ مسڪينن کي ڪونه ڏنائون ۽ اهو به هڙپ ڪري اوگرائي ڏئي ڇڏيائون. اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته مهانگائي کي پنجو ڏئي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي، ريلي ۾ سياسي، سماجي ادبي ۽ مذهبي اڳواڻن، شهرين، دڪاندارن ۽ آسپاس جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 40

جماعت پاران حڪومت کي تيل جا وڌايل اگهه واپس وٺڻ لاءِ الٽيميٽم ڏنو هو جيڪو وقت گذري وڃڻ ڪانپوءِ پاڪستان جي مذهبي جماعت تحريڪ لبيڪ پاڪستان روڊن تي اچي وئي تحريڪ لبيڪ پاڪستان دادو جي اڳواڻن حافظ راشد حسين رضوي، سعيد احمد، نعمت الله شاهاڻي، سعيد احمد سيال ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سنڌ جي ٻين ضلعن وانگر دادو ۾ به تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سڏ تي شهر جي مختلف علائقن اسٽيشن روڊ، نيو چونڪ، سئنيما چونڪ، ڪچهري روڊ، ڪاليج روڊ موندر ناڪو مرڪپور جوهي مورو روڊ سميت ريشم گلي، شاهي بازار ۾ شٽربند هڙتال، سبب مڪ علائقن موندر ناڪو جوهي موڙ، مرڪپور، سميت ٻين علائقن ۾ به ڪاروبار مڪمل طور تي بند رهيا جڏهن ته ريلوي اسٽيشن سميت شهر جون ٻيون بازارون بند رهيون تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي مرڪزي سڏ تي واپاري برادري پاران مڪ ڪاروباري بازارون بند ڪيون ويون جڏهن ته واپارين پاران مهانگائي خلاف ميڊيا کي موقف ڏيندي چيو ته غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسي ويو آهي حڪومت کي گهرجي ته مهانگايي تي ڪنٽرول ڪري تيل جي قيمتن ۾ لاٿ آڻي غريب عوام کي رليف ڏنو وڃي هن وقت مهانگائي جو جن بي قابو ٿي ويو آهي موجوده حڪمرانن غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي غريب پورهيت طبقو بن ويلن جي ماني ڪائي نه ٿو سگهي غربت سبب هر روز ماڻهو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن حڪومت اجان به مهانگائي تي ڪنٽرول نه ڪيو ته غريب روز غربت جي چڪي ۾ پيسجندو رهندو ٻئي طرف مهانگائي خلاف دبئي موبائيل مارڪيٽ جي صدر اقبال قريشي، سيد حامد شاھ، محبوب عطاري ۽ ٻين سون جي تعداد ۾ موبائيل مارڪيٽ کان دادو پريس ڪلب تي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو حڪومت کان مطالبو ڪيو ته غريب عوام تي رحم ڪيو وڃي مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي

بقايا — سنڌيار — 41

مارڪيٽ، ڪرياڻه مارڪيٽ سميت ڪاروهنوار ٺپ رهيو، تحريڪ لبيڪ پاڪستان نئون ديرو جا اڳواڻ عبدالخالق کهڙو، مولانا اسد الله پنهو ۽ ٻيا شهر اندر گشت ڪندا رهيا، ۽ واپاري طبقي کي لائوڊ اسپيڪرن ذريعي هڙتال کي ڪامياب بڻائڻ جون اپيلون ڪندا رهيا، هنن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اسان جي هڙتال جو مقصد عوام کي مهانگائي جي عذاب کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ آهي. ان ڪري عوام جو اسان سان ساٿ آهي، هنن چيو ته ملڪ جو عوام حڪمرانن جي ڪرپشن ۽ نااهلي جي ڪري معاشي بدحالي جي ور چڙهي ويو آهي. مهانگائي سبب غريب ۽ پورهيت طبقو بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهي ۽ اهو هنن جو نصيب هرگز ناهي اسان تحريڪ لبيڪ جي پليٽ فارم تان ملڪ ۾ رهندڙ غريب عوام جو آواز بڻجندا رهنداسين جنهن ۾ عوام جو ساٿ اسان سان گڏ آهي اسان پنهنجي قائد ملت حافظ محمد حسن رضوي بن خادم حسين رضوي جي ڪال ته نئون ديرو شهر ۾ به شٽر ڊائون هڙتال ڪري وفاق ۾ ويٺل حڪمرانن خلاف اعلان جنگ ڪيو آ اساجي تيستائين هنن سان جنگ جاري رهندي جيستائين ملڪ مان مهانگائي کي ختم ڪري غريب عوام کي رليف نه ڏنو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 42

اڪرام شرڪت ڪئي هن پروگرام جي خصوصي نشست جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو ۽ نعت و منقبت کان بعد خصوصي مهمانن ۽ برانچز کان آيل عهديدارن کي ضلعي صدر خليفا منير احمد عباسي طاهر آجيانو پيش ڪيو ان کان بعد خصوصي ليڪچر ٿيا جنهن ۾ صحت جي موضوع تي ڊاڪٽر امان الله عباسي تمام بهترين معلومات احسن طريقي تي مشتمل ليڪچر ڏنو ۽ صحت ۽ صفائي جا خاص پهلو ۽ احتياطي تدابيرن کان جماعت کي آگاهي ڏني، آمد رمضان ۽ تصوف تي خصوصي ليڪچر مولانا سعيد احمد بروهي طاهري جن روزي جي اهميت ۽ فضيلت ۽ تصوف جا اهم جزا تمام سهڻي نموني تفصيل سان وضاحت ڪيا روحاني طلبا جماعت جي دعوت قاري فضل الدين بروهي طاهري ڏني آخر ۾ دعائيا ڪلمات قبلا خليفا سائين نعمت الله قريشي طاهري پروگرام جو اختتام ڪيو

بقايا — سنڌيار — 43

الهيجايو جاڙو، اسدالله رستماڻي، انور عباسي، غلام قادر پنهور، عبدالرزاق، عبدالرحيم بڪاري، غلام علي خاصخيلي، جام سهيل سمون، جاويد اقبال ڪورائي ۽ عوامي تحريڪ اڳواڻن لڪاڏنو خاصخيلي، ستو ڪولهي ۽ ٻين بک هڙتالي ڪئمپ تي اچي ملازمن جي حمايت ڪئي انهي موقعي تي "آ حق اسان جو گروپ انشورنس" وڙهي به وٺبو گروپ انشورنس" "توکي ڏيڻو پوندو گروپ انشورنس" رٽائرڊ ملازمن کي بينوئل فنڊ ڏيو مهانگائي سبب پينشن وڌايو ۽ صحت ڪارڊ ڏيو جا نعرا هنيا ويا اڳواڻن ڪئمپ تي خطاب ڪندي چيو ته رٽائرڊ ملازمن جا پگهارن مان ڪٽيل گروپ انشورنس جا پنهنجا پيسا عدالتي حڪم باوجود سنڌ حڪومت نٿي ڏي ۽ هن مهانگائي جي دور ۾ پينشرن جي پينشن نٿي وڌائي وڃي جڏهن ته وزيراعظم پاران وڌايل 10 سيڪڙو پينشن ٻين صوبن کي ڏنا ويا آهن پر سنڌ حڪومت ان تي به عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن وڌيڪ چيو ته بينيوئل فنڊ، صحت ڪارڊ ڏنا وڃن هنن واضح ڪيو آهي ته گريڊ سنڌ 3 ڏينهن سڄي سنڌ ۾ بک هڙتال جي ڪال ڏني آهي جنهن ڪانپوءِ ڪراچيءَ ۾ ڌرڻو هنيو ويندو جنهن ۾ ٽنڊو باگو جا سوين رٽائرڊ ملازم شرڪت ڪندا ۽ پنهنجا حق چني وٺندا.

بقايا — سنڌيار — 44

منڊي. نيو ٽاؤن. چانڊني چوڪ. سرجاني ٽاؤن. صدر. گوليمار. لالو کيت. يونيورسٽي روڊ. گلڊن معيمار. گلزار هجري. سهراب ڳوٺ سميت مختلف علائقن ۾ پيٽرول پمپ. سميت ننڍا وڏا ڪاروبار بند رهيا مذهبي جماعت جي سڏ تي ڪراچي جا اڪثر روڊ رستا به ويران رهيا ٽرانسپورٽ به گهٽ رهي جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ پوليس ۽ رينجرز پاران ڪاروبار کولرائيو ويو